ڪٿائون ۾ ڪٿائون



ليکڪا :

ڪانتا - سترام - اِيسراڻي

’آننت‘

لیکھا رانی سکسینہ کی بھینٹ

موصول ہوئی ۲۲ مئی کو / الہ آباد میں ۔

عامر نا ۔

ڪٿائون ۽ ڪٿائون

(لوڪ ساهت جي هڪ شاخ)

ليکڪا :

شريمتي ڪانتا - سترام - ايسراڻي (اَننت)

۲۱، نيو ڪرئيشن سوسائٽي، روڊ نمبر - ۵،

کار، ممبئي - ۴۰۰۰۰۲.

ڇاپو پهريون سال ۲۰۰۲

ايڊيٽنگ - ڪمل پياسي - احمدآباد.

سجاوٽ ۽ ترتيب - سنيل ايس. اِيسراڻي - ممبئي

ڇپائيندڙ - ڪانتا ايس. اِيسراڻي (ليکڪا)

ڇپيو - گرديو پرنٽنگ پريس، ديوالي بزار، ڪبيرنگر،

احمدآباد. گجرات (۳۸۲۳۴۰)

(ليکڪا جو حق واسطا قائم)

قيمت - ۴۰ رپيا)

KATHAYOON - AIN - KATHAYOON

By :

KANTA S. ISRANI 'ANANT'

21, New Creation Society, 5th Road, Khar,

Mumbai-400052.

Layout & Getup :

SUNIL S. ISRANI - MUMBAI.

[illegible]

ڪٿائون ۽ ڪٿائون



مٿئين نالي وارو ڪتاب منهنجي سپتري شريمتي ڪانتا اِيسراڻيءَ جون ڊرامڪ ڪهاڻيون هفتيوار هندواسيءَ ۾ شايع ٿيل آهن سي سڀ ڪنيون ڪري هڪ ڪتاب جي صورت ۾ ڇپايون ويون آهن. ڪهاڻيون نه رڳو دلچسپ آهن پر نهايت سِکيا ڏيڻ واريون پڻ آهن، جن جي پڙهڻ ۽ مطالع ڪرڻ سان پڙهندڙن کي نه فقط وندرائينديون پر اُنهن کي دنيا جي تڪليفن ۽ لاهين چاڙهين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪافي مدد ڪنديون. اِنهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هي ڪتاب هٿ ۾ ڪٽڻ ڪان پوءِ، پوري ڪرڻ سواءِ دل نه رهندي. آهڙي پڪ نه پر وشواس اَٿم.

ڊاڪٽر ڪي. ايم. چنديراماڻي
تاريخ ١٢ ميءِ ٢٠٠٢ع.

II OM SAI RAM II



گهڻي پريم ڀاوَ ۽ شرڌا سان هيءُ ڪتاب ڀڳوان ش
ستيہ سائين بابا جي ڪمل چرنن ۾ اَرپڻ ڪيان ٿي، جن
مون تي چنچل، چِلولي ۽ دنيا جي حرصن حواسن ۾ ڦ
هوندي بہ مهر جو هٿ رکيو آهي ۽ منهنجي هر قدم
رهنمائي ڪئي آهي. اهڙي سڳوري سڀاجهي سائينءَ
چرنن ۾ منهنجا وار، وار نمسڪار.

هر وقت مهر جي آڀلا
ڪانتا - ايس - اِيسراڻي 'آن
ڪار، (ممب

آهن تہ هي بہ گذري ويندو.

جيئن اِنسان لاءِ ٻيو سڀ ڳالهيون ضروري آهن، تيئن نت نيم سان ستسنگ ۾ وڃڻ بہ ڏاڍو ضروري آهي. ست سنگ ۾ وڃڻ سان من جي مونجهہ دور ٿي ٿئي، ڪشت ڪشالا هڪ هڪ ٿي مٽجي وڃن ٿا ۽ دک سهڻ جي شڪتي ملي ٿي. هن ڪتاب ۾ مون ڌارمڪ ڪهاڻيون لکيون آهن، جي اُميد تہ برڌ اوستا وارا ماڻهون پڙهي آنند پائيندا. جيڪو ڪجهہ ٻڌو اَٿم، پڙهيو اَٿم ۽ ڏٺو اَٿم، اُنهيءَ کي ئي قلمبند ڪيو اَٿم. سنت ساڌن کي توهان جو ڪجهہ نہ گهرجي سواءِ توهان جي شرڌا ۽ پريم ڀاوَ جي. وڏ ڀاڳي آهن اِهي اِنسان جن کي ستسنگ ۽ مهاپرش (سچيءَ معنيٰ ۾ مهان) جو سنگ ملي ٿو. چوتہ مهاپرش ئي پنهنجن پريمي ڀڳتن کي پريرڻا ڏيئي آدرشي اِنسان بڻائين ٿا نت نيم سان شيوا، سمرن، ستسنگ، پوڄا، ڌيان، ڀڄن ۽ آرتي ڪندا تہ پوءِ هن ڀوَ ساگر مان پاڻيهي گرو هٿ ڏيئي تاريندو.

هيءُ ڪتاب منهنجي پهرين ڪوشش آهي، ٿي سگهي ٿو ڪي ڀُلون چُڪوُن هجن. جي هن ڀيڻ جي ڌيان تي آڻيندا تہ سنو ٿيندو. هن پستڪ دئاران ٿوري بہ توهان جي من کي موج، تن کي تراوت، انوکو آنند ۽ روح کي راحت اَچي تہ سمجهندس تہ منهنجي ڪوشش سڦلي وئي.

توهين ضرور سوچيندا تہ جيون جي سانجهيءَ ۾ مون قلم هٿ ۾ ڪيئن ۽ چو کنيو؟ منهنجي قلم هٿ ۾ کڻڻ

پنهنجي طرفان

- مان تہ هڪ ساڌارڻ گهرو اِستري آهيان، ساهتي



جي نُنهن تہ آهيان پر ساهتي
جي ڌيءَ بہ آهيان - گ
گرهستيءَ جو ڪم ڪندي
پاليندي جيون جي شام اَچ
چڪي آهي. سنڌي هئڻ ج
ناتي پنهنجي منڙيءَ ٻول
سنڌيءَ ۽ سنڌيت سان بيحد پ
اَٿم. سنڌيءَ ۾ لکڻ، پڙهڻ
ڳالهائڻ ڏاڍو وڻندو اَٿم. پنهنجون ريتيون رسمون ۽ رو
بہ پسند اَٿم. اِهو برابر آهي تہ اَڄ ڪالهہ جي نوجو
طبقو مغربي سڀيتا جي اَثر هيٺ اَچي پنهنجين ريتي
رسمن کي نٿو مڃي - پر اَڃان بہ ڪي آگياڪاري ٻار آه
جي پنهنجن وڏن جي آگيا ۾ رهن ٿا ۽ سندن نقش قدم
تي هلي، سندن خواهش جو مان، سنمان ۽ آدر ڪن ٿا.

ڪلجڳ جو سمو ڏاڍو ڀاري آهي، ڏاڍو مشڪلاتن
سامنو ڪرڻو ٿو پوي، پنهنجن مسئلن جي ڪري اِنسا
دُکي آهن، اڃا هڪ مسئلو مس ختم ٿو ٿئي تہ ٻيو اڳيءَ
سِسُ ڪڍيو بيٺو آهي. چوندا آهن، ”سنت نہ هوتي ج
۾، تو جل - مرتا سنسار.“ اَهڙي ڪنن سمي ۾ سنت
اَسان جو ٻيڙو پار ڪندا آهن ۽ هميشهہ آٿت ڏيندا رهن

مُهاڳ

ڪٿائون - ۽ - ڪٿائون

(لوڪ ساهت جي هڪ لڪل شاخ)

ليکڪا : ڪانتا اِيسراڻي 'اَننت'



ڪمل - پياسي

ائين تہ ڪٿا لوڪ ساهت جي هڪ شاخ آهي، پر ڪيس نہ ڪهاڻي چئي تو سگهجي ۽ نہ آکاڻي. نہ اَفسانو نہ داستان. نہ درشٽانت ۽ نہ وارتا، ڪٿا انهن سڀني کان اَلڳ شاخ تي بيٺي آهي، جنهن جو جنم عام ۾ ٿيندي بہ بند ديوارن اندر تو ٿئي، ڪٿا مندر، ٽڪاڻي، مڙهيءَ، ڪُٽيا يا ڪنهن ست پرش جي نواس تي جنم تي وٺي، جڏهن ڪو روحاني شخص ڪجهہ بہ عام لوڪن کي سمجهائڻ جي ڪوشش تو ڪري، تہ ڪن خيالي پاترن جي آڌار تي هو ڪٿا جي اوٽ تو وٺي. انهن ڪٿائن کي اِتهاس ئي پنهنجو آهي. هنن ڪٿائن جو قد بت، ڀڳت يا شامياني اَندر بندوبستي ستسنگ ۽ ڪنيل ڪهاڻيءَ جيان ڏکو ڪين ٿئي. ڪٿا کي ٻڌندڙ لوڪن جو تعداد بہ ڀيٽ ۾ گهٽ ئي هوندو ۽ ڪٿا ڪٿندڙ قابل ڪٿا ڪار تہ انهن کان بہ بنهہ گهٽ تين. ڪٿا ڪٿڻ کان اَڳ اِن بابت اَڀياس بہ ضروري آهي، جيئن ڪٿا ڏٺاران ڪنهن بہ نصيحت، سکيا يا پربوڌ ڏٺاران ڪاٻہ ڳالهہ سمجهائڻ ۾ سؤلي تي پوي. سنڌ

جو شرف ڀائو ڪمل پياسيءَ کي آهي. جنهن مونکي
ڪم لاءِ همٿايو ۽ منهنجو هٿ پڪڙي مونکي اڳيان ڇڪين
رهيو ۽ ائين اسان جو خط پٽ جو رشتو چالو ٿي ويو جنم
جنم ڏنو ڀاءُ ڀيڻ جي پوتر رشتي کي. خبر نہ آهي منهنج
خطن ۾ هن ڇا ڏٺو، جو هر وقت مونکي لکندو هو، ”ڪان
تون بہ ڪجهہ لِک، تنهنجي اَندر ڪلاڪار آهي، جو هاڻ
ٻاهر نڪرڻ تو چاهي.“ مون گهٽوئي چيو، ”مان آهيا
ڪجھ ڪين. صرف سنڌي هئڻ جي ناتي مان پنهنجي ٻولي
۾ لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي سگهندي آهيان“ - پر ڀائو مڃ
ڇوتو؟ هاڻي مان ڇا لکان؟ ائين جيڪي ڪجهہ ستسنگ
درشٽانت ٻڌندي هئس سي لکڻ وينس.
اِهو سڀ ستگر ۾ وشواس جو پرتاب آهي ۽ منڙي مال
جي مهر جو ڪجهہ منهنجو آهي، هاڻ اُهو توهان جو
آهي اَگر منهنجو هيءُ ڪاريہ سڦلو ٿيو تہ مان پاڻ کي ڀا
شالي سمجهندس جو پڙدي پٺيان هوندي بہ سيني ج
همٿ اَفزائي مليم ٿي - مان شڪر گذار پنهنجي پ
سنيل جي جنهن ڪتاب جي سجاوت ۽ ترتيب ٿي
جوڳو ڌيان ڏنو آهي.

ڪانتا - سترام - اِيسراڻي ’آنند
(ڪار ممبئي

آهي تہ موقعي جي خبر ئي ڪانہ پوندي آهي. ڪٿائون تہ
ان ستسنگ مان ٻُڌي پوءِ لکندي آهيان. ٻڌل ڪٿا کي
فلمبند ڪرڻ کان پوءِ سمجهندي آهيان تہ منهنجو ڪم
پورو ٿيو. منهنجو وشواس آهي. ’گهر تہ مليئي، ٻولهہ تہ
ليئي.‘ ڪرڪائڻ سان در کُلي پوندو. آس اُميد لاهڻ اَجايو
آهي. اِنسان جيڪو ڪم ڪري ٿو يا ٿئي ٿو سڀ اِيشور جي
حڪم سان ٿو ٿئي. ڪنهن سان بہ ڳالهايو ٿا تہ اِهو بہ اِيشور
جي حڪم سان ٿو ٿئي. اِن جو مونکي ثبوت مليو آهي.“

ڪانتا سان منهنجي واقفيت بہ اِتفاقي ٿي، جنهن لاءِ
هن پاڻ لکيو هو : ”مان ممبئيءَ ۾ ۽ توهان گانڌينگر ۾.
رشتو ٿي ويو، پر اِن لاءِ شروعات توهان ڪئي. مون توهان
کان ”هنومان چاليسا“ گهرايو ۽ پوءِ اِن باري ۾ پنهنجو
رايو ڏنم. توهان جو ڪم اِتي پورو ٿيو؛ پر توهان منهنجي
باري ۾، منهنجي ڪتب جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيو، پهرين
تہ مون توهانکي جواب ئي ڪونہ ڏنو، پر پوءِ مون توهان کي
ڏياريءَ جو ڪارڊ موڪليو. توهان ان جو جواب ڏنو ۽ منهنجي
باري ۾ ڄاڻڻ چاهيو. توهان بس ڪري ويهي رهو هان.
پر...شروع ٿيو خطن جو سلسلو جو هلندو رهيو.“

ڪانتا جي شروعاتي خطن مان مونکي پرور پيئي تہ
ڪانتا جي انتهہ ڪرڻ ۾ ڪو ڪلاڪار براجمان آهي، جيڪو
ظاهر نڪرڻ ٿو چاهي. سندس لکڻيءَ ۾ سليس ڀاشا بہ ڏيان
ڇڪائيندڙ لڳم. هوءَ پنهنجو هرڪو ويچار تمام سنئي ۽
سهڻي نموني ۾ پڌرو ڪري سگهي ٿي. منهنجي من ۾

۾ ته ٻڍڙيون مندرن مان ڪٿا ٻُڌي ايندڙيون هيون

اَچي رات جو سمهڻ کان اَڳ اُها ٻارن کي ٻڌائيند

هيون. اَڄ اُهي ٻڍڙيون نه رهيون ناهن پر ٽڪاڻن ۽ مند

به وڏين درٻارين، آشرمن ۽ گرديارن جو روپ ورتو

انهن هنڌن تي ڪٿا جو ٽڪڻ وقت جي بدلاءُ ڪري

تي پيو آهي. ريڊيو، ٽي. وي. ۽ ٻين آوازي يوجنائن

ڪري ته مرڳوئي ڪٿا جو فن پنهنجي اِن گهيري کان

الڳ ٿي ويو آهي.

شاباس آهي پيڻ ڪانتا - سترام اِيسراڻي کي، جن

پنهنجي هن شغل سان چُستيءَ سان نباهيو آهي، جنهن

اڄ به چوندي آهي، ''ستسنگ جون ڳالهيون وٽنديون آ

لکي رکندي آهيان. ڪڏهن ڪڏهن اَخبارن ۾ ڇپڻ

موڪليندي آهيان.'' هوءَ پاڻ ئي قبول ڪندي آهي : ''

۽ سنڌي پروگرامن سان شوق اَٿم ۽ پاڻ کي چست رکڻ

هر پرسان ئي پروگرامن تي وڃڻ چاهيندي آهيان.

ڪٿي گهٽو وقت ويهي نه سگهان.'' تنهن هوندي به

پنهنجيءَ هر ڪرت ۽ ڪِرتيءَ ۾ سائين جي مهر کي

ڏيندي آهيان. ''سائين جو شڪر آهي، ٽائيم پاس

پيو. مونکي لکڻو چڱو پوندو آهي. خطن جا جواب ڏ

ست سنگ ۾ ٻڌل آکاڻيون به پاڻ وٽ لکي رکندي آهي

باقي ته اَڄڪلهه خطن جو جواب ڪير ڏئي ڪونه. ماڻ

فون تي ڳالهائين ٿا.''

مونکي لکڻ ۾ وندر ۽ مزو ٿو اَچي. من ۾ مستي هون

اِنسان گھٹو ڪجھہ سِکي ۽ پرائي سگھي ٿو. اِهو سڀ پاڻ تي مدار ٿو رکي. جو ڪجھہ سٺو هجي ان کي اَپنايو، پر جو ڪجھہ خراب هجي اُن کي ڇڏي ڏيو.'' ساڳئي وقت هن اِهو بہ نہ وساريو آهي، ''مان جيئن آهيان، تيئن آهيان. ڪجھہ بہ سگهڻ جو اُدم ڪونہ ڪندي آهيان. توهان ڇڱو ڪيو جو پياسي رهيا ۽ هر وقت ڪجھہ نہ ڪجھہ حاصل ڪرڻ لاءِ پيا ٿا پاڻ پتوڙيو. مان سُست آهيان، جو گھر جو ڪم ڪريان، ڪٿي اَچان وڃان، ڳالھہ ختم، هن عمر ۾ اَچان پلا ڇا ڪريان، پر اَندر ۾ بلڪل مضبوط آهيان. ڪنهن ۾ بہ ڪا اُميد ڪانہ رکندي آهيان، سواءِ هڪ ڳالھہ جي سو آهي پيار جو سڀ ڏئي نہ سگھندا آهن.''

ڪانتا کي پنهنجا اُصول آهن. سيني سان نهڪي هلڻ جي باوجود بہ هوءَ چوندي آهي : ''مان پنهنجيءَ خوشي لاءِ ٻين تي آڌار نہ رکندي آهيان. ڪير بہ مون وٽ اَچي، ڪائي پي وڃي. ڪيڏانهن گڏ وڃڻو هجي تہ بہ وڃانس، پر منهنجي لاءِ ڪير ڪجھہ ڪري، جيئن مان خوش ٿيان، اِها ڳالھہ منهنجي اُصول کان ٻاهر آهي، ٻين جي خوشيءَ لاءِ مان پنهنجي خوشي چو لڪائي رکان.''

ڪانتا ۾ نہ ڪا مغروري آهي ۽ گھمنڊ، هوءَ هڪ ساڌارڻ ناري آهي، اِنهيءَ ڪري ئي تہ هرهنڌ پياري آهي، تنهن هوندي بہ هوءَ چوي ٿي : ''توهين منهنجي اَچائي ساراهہ ڪري، مونکي ٻنان پرن جي آسمان ۾ اُڏامڻ چوٿا چاهيو. ڪري پوندس نہ چوٽ نہ مونکي لڳندي نہ...توهان تہ

ويچار آيو تہ چو ڪين هوءَ بہ ساهتيڪ ميدان ۾ ٽپي
هوءَ اِن وقت پنهنجيءَ زندگيءَ جا سَٺ ڏاڪا پار ڪ
چُڪي هئي. پنهنجي مشغول گرهستيءَ بابت لکيو هئائ
”مان ۴۵ سالن کان گهر جو ڪم ڪندي آئي آهيا
گرهست جيون گهاريندي. مرد تہ رٽاير ڪن، پر زا
ڪڏهن رٽاير ڪنديون. ڪم ڪرڻ سيني لاءِ ضروري آه
رڌڻ، پچائڻ جو ڪم مان پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪن
آهيان، ڏاڍي وسوسي آهيان. هٿ ڌوئڻ کانسواءِ ڪاڏي
شيءِ کي هٿ نہ لائيندي آهيان. در کي هٿ لڳو تہ ه
ڌوئان. ڪاڏي جي سامهون ڪنگهڻو ناهي. چڪوُن نہ ڏيٺ
آهن. اِنڪري سڄو ڏينهن ٽوال هٿ ۾ هوندو اَٿم. رڌڻ
مائي بہ اِن ڪارڻ ڪانہ رکندي آهيان.“ تنهن هوندي
مون جڏهن کيس ساهت کيتر ۾ اچڻ لاءِ همٿايو
منهنجي زور ڀرڻ ۽ همت اَفزائي ڪارڻ، جڏهن هن ل
شروع ڪيو، تڏهن ڪائنس رهيو نہ ٿيو جو هڪ دف
لکيائين، ”توهان بہ ڏاڍا ڏکيا ڪم منهنجي مٿان ٿا ر
ڪانتا چا جاڙي ساهت مان ۽ اِن جي لکڻ مان. رڳو ڳالهي
ٻُڌي پوءِ اُهي بڌائي سگهندي آهي. سو اِيتري ڪوشش
ڪري تہ منهنجي ننڊ ئي ڦٽي پئي آهي. گهر جي پو
جوابداري مون مٿان آهي. ڪڏهن ڪڏهن لکڻ جو
ڪندي آهيان. صبوح جو ڪلاڪ کن ’هندستان‘ ۽ ’هندواس
اخبارون ضرور پڙهندي آهيان.“
ڪانتا پاڻ چوندي آهي تہ ”دنيا هڪ کليل ڪتاب آهي

لڳ طرح جو هوندو آهي. مون اِنهن ستسنگ وارين ڪتائن
ي شبدن جو روپ ڏنو، جنهن لاءِ پورو سهڪار مليو ۽
ڪتائون ڇپجڻ شروع ٿيون ۽ منهنجو ٻه چاهه وڌيو. ڪي
اهڙا ٻه هوندا جن جي نظر ۾ منهنجي رچنائن ۾ ڪي
چڪون نظر اينديون، باقي مان ڪا پَري پورڻ ته آهيان
ڪانه. مان ته بنهه ڪجهه ٻه ڪين آهيان، توهان مهان
آهيو، مان ذرو توهين آڪاس، مان ٻوند توهين ساگر...مان
تارو توهين چنڊ...ڪنهن ٻه حالت ۾ برابر ٿي ڪانه ٿي
سگهان، اِنهيءَ ڪري ئي ته توهان جي هر ترقيءَ تي فخر
ونندي آهي. توهان جي پنهنجائپ، پريت، سڪ ۽ صدق
تي مونکي ناز آهي، جنهن کي توهين پوريءَ ريت نباهي
رهيا آهيو. نباهڻ ۾ منهنجو نه، بلڪ توهانجو وڏيڪ
ٻوگدان آهي. توهان شاعر، ليکڪ، اَديب هوندي ٻه پيا گڻ
پاليو ٿا نباهڻ جا، جي سيني ۾ ڪونه هوندا آهن.‘‘ ’’توهان
نه راتورات مونکي آمر بڻائي ڇڏيو. اِها صحيح ڳالهه آهي
ته هن وقت مونکي جيڪا سنڌي ساهت ۽ سنڌيت جي ٿوري
گهڻي پرک آهي، اُها ٻه توهان جي بدولت، نه ته مان
ڪجهه ٻه ڪين ڄاڻندي هئس، اَلبت سنڌي هئڻ ناتي
سنڌي ڀاشا سان ڏاڍو لڳاءُ هوم ۽ اَڃان ٻه آهي.‘‘

ڪانتا کي هن ’ڪٿا رس‘ شغل مان ايترو ته آنند اَچي
ويو آهي جو لکندي آهي : ’’ڪٿا رس لکڻ جي ڪم تمام
سولو آهي. مندر مان ڪٿا ٻڌي اَچي لک، اَلبت ڪتاب
ناهڻ ڏکي ڳالهه آهي. چڱو ٽائيم ٿو لڳي.‘‘ ڪٿا رس شغل

منهنجو ماڻ وڏايو آهي.''
وري هڪ دفعي تہ ائين بہ لکيائين : ''اِها سڀ تو
جي مهرباني آهي جو هنڪي اُنهيءَ لائق سمجهو. مو
سنڌيت سان شوق آهي. سنڌي اخبارون اَسان جي گهـ
ايندڙيون آهن ۽ ڪي ڪي ڪهاڻيون وغيره مونکي وڻند
آهن. مان بہ لکڻ چاهيندي هئس، پر گهر جو ڪم ،
ٻارن جي پرورش، رڌو پڪو، اَڳم تہ ڏر توپو بہ پاڻ ڪبو
هاڻ تہ سڀ ڪجهہ نهيو نڪيو ملي ٿو. منهنجو ٻيو نه
ڪڪو سنيل (پوٽون ٻار) ۳-۴ سال جو هو جو هڪ ڪها
لکي هئم، جا اَجان نوٽبوڪ ۾ لکي پيئي آهي. اَجان ڪ
ڪانہ موڪلي آهي. جڏهن کان توهان مونکي لکڻ لاءِ همٿ
آهي تڏهن کان ئي مونکي لکڻ جو شوق جاڳيو آهي.''
ڪانتا جو ساهتيہ کيتر ۾ قلم هلائڻ جي شروعات
ڪٿائون لکڻ سان ۽ هن ساهتيہ جي اِها شاخ چو اَپنائي،
لاءِ پاڻ لکي ٿي : ''ٻڌل ڪٿا کي پنهنجي سر لکڻ ۾
تڪليف ڪانہ آهي. منهنجي گهر پرسان آنند پور آش
(کار - ممبئي) وارن جو خاص ستسنگ ٿيندو آهي
منگل تي. (ائين تہ هر روز ٿيندو آهي). اُتي داديون جي
ڪٿا، ستسنگ جي مهما، يا گروءَ جون سکيائون ٻڌائينديو
آهن، مونکي اُهي ڏاڍيون وڻنديون آهن، جي وري م
پنهنجي نموني لکندي آهيان، جيئن ڪنهن جي گهر و
آهي، يان ٻئي شهر وڃبو آهي تہ انهن سان احوال ڪ
آهي، اَلبت ٻڌائڻ ۽ ورنن ڪرڻ جو فن هر ڪنهن جو ا

حجت رکي چوندو آهي.”هاڻ گهٽيئي توهان ڪتاب لکيا آهن. وڌيڪ نہ لکو، آرام ڪريو. تنهنڪري نہ رکو من تي، روزانو جو ساهتيہ اَچيوَ ٿو، اِهو پڙهو، پر پاڻ کي گهٽو نہ ٿڪايو. توهان لکو ٿا تہ نئون ڪم ڪرڻ ٿو چاهيان، سو پائو هاڻ لکڻ بند ڪريو، جيڪو اَڳہ لکيو اَٿو، اُهو ويهي پڙهو. جيڪو ڪجهہ نئون اَچيو اِهو نظر مان ڪڍو ۽ پاپيءَ کي بہ وندرايو، شام جو چڪر هٽي اَچو ۽ گهر جي ڪجهہ شيءِ شڪل آڻيو، توهان من تي ڪوبہ بار نہ رکو. آرام سان رهو. قلم کي ڪيو ڪبٽ جي اَندر بند، پر توهان کي تہ ٿاپڪ ملندو ئي رهندو، پوءِ توهانجو قلم نچندو ٽپندو ڪبٽ کان ٻاهر اِيندو.“

سندس هدايت تہ اَکين تي، پر آهي ڪو اَهڙو اِنسان جيڪو پنهنجي عمر ڀر جي شغل کان پاڻ کي پاسيرو رکي، پاڻ کي اَلڳ ڪري سگهي؟ مون لاءِ اِهو بنهہ ممڪن ڪين آهي، ڇوتہ مونکي اِن مان ساهتڪ سڪون ٿو ملي، شاعري منهنجيءَ جيون ساٿڻ جيان آهي ۽ اَدب مون لاءِ آهي جيون جي آڌ ۽ اوٽ. ممڪن آهي تہ سياڻي اَهڙي حالت ڪانتا جي بہ ٿئي، ڇوتہ هاڻ هُنَ ۾ ساهت جي آئيندهہ لاءِ ڪلاتمڪ طور اِظهار ڪرڻ جون حقيقتون پختيون ٿي چڪيون آهن ۽ آهستي آهستي هوءَ پنهنجو اَلڳ ساهتيڪ وجود حاصل ڪري وٺندي. منهنجون ۽ اَنيتا جون شُڀ اِڇائون بہ هميشهہ هن سان ئي آهن.

- ڪمل پياسي

ڪي اَپنائڻ جو ڪانتا جو مقصد اِهو بہ تي تو سگ
”منهنجي خيال موجب ستسنگ ۾ ڪنيل هن طرح
ڪٿائون، پڙهڻ ۾ سنيون آهن، سڪيا جو هڪ ماڌيم آ
ڪيترا پڌا پڌيون جيڪي ستسنگ ۾ نہ تا اَچي سگهن،
گهر ۾ ئي ڪٿا پڙهي آنند ماڻي سگهندا، ڇوتہ مان ج
’ڪٿا رس‘ ٻڌندي آهيان، تيئن لکندي آهيان، گهر و
ڪي ڪونہ ٻڌائيندي آهيان ۽ نہ منهنجي ارد گرد
ليکڪ آهن، جي منهنجي مدد ڪن.“

ڪانتا جون هن پستڪ ۾ سنگرهہ ڪيل ڪٿائون ج
سڪيا ۽ وندر جو ماڌيم آهن، اَلبت هيءُ محض ڪٿائون ئي آ
درشٽانت نہ آهن. هئڙي فن ڪي سنڌي لوڪ ساهت ۾ آڻ
پيڻ ڪانتا واقعي داد لهڻو، ڇوتہ لڳي تو ڪانتا جي ويچار
ڪيڏي نہ وسيهہ ۽ گهري آهي، جيئن پاڻ خود ”اَننت“ آه

ڪانتا جي هن ڪتاب ۾ سنگرهہ ڪيل ڪٿائون م
ڌارمڪ ڪٿائن تي آڌار رکي لکيل ڪين آهن، جي
ستنارائڻ جي ڪٿا، چنچر ديوتا جي ڪٿا، ان پورڻا
ڪٿا، سنتوشي ما جي ڪٿا وغيرهہ تيندوين آهن، پر ه
ڪٿائون سنڌي لوڪ ساهت ۾ هڪ نئين ۽ علحدي ائپ
آهي. ڪانتا اِن لاءِ دل و جان سان محنت ڪئي آهي. مو
تہ ائين لڳندو آهي تہ ڪانتا هاڻ پاڻ بہ هڪ ڪٿا بڻ
پيئي آهي، ڇوتہ هوءَ هاڻ تہ مونکي بہ ڪٿا ۾ آيل
وارتالاپ ڪانپوءِ اُپديش ڏيڻ لڳندي آهي، منهنجيءَ چڱ
لاءِ، منهنجي صحت جي ڀلائيءَ لاءِ جيئن ڪو ويجهو ما

وارن کي خيال تي پيو. زال پنهنجن ٻارن کي چيو ''مان
وچي کيس دڪان تي ڏسي اَچان، توهين گهر ۾ ئي رهجو.''
ڏسي ته دڪان ته بند لڳو پيو آهي، سو آس پاس جي ماڻهن
کان پڇيائين ته ''اَدا، منهنجو گهوٽ ڪٿي آهي؟''
چيائونس ته اَج چنڊ آهي، شايد درياهه شاهه تي اَکو پائڻ
ويو هوندو.'' هوءَ به هلي درياهه تي، پريان ئي ڏٺائين ته
جيءَ ۾ جان آيس. 'پر هي ڇا پيو ٿو ڳالهائي؟ ڪنڌ ڇو پيو
هلائي؟ ويجهو اَچي ٻڌائين ته 'هاءِ منهنجي ڏئندي وئي،
هاءِ منهنجي ڏئندي وئي'. زال پڇڻ لڳي ته 'ڇا ڏئندي
وئي'؟ پر جواب نه پيو ڏئي، رڳو هاءِ منهنجي ڏئندي
وئي. بس پوءِ ته زال به چوڻ لڳي ته 'پوءِ ڇو پئي ڏوتوَ؟'
'پوءِ ڇو پئي ڏوتوَ'؟ ٻنهي جا سُر گڏوگڏ پيا هلن، ڪنڌ به
پيا هلن. هاڻي جڏهن اَمان به گهر ڪانه آئي ته ٻارن کي
خيال ئي پيو. چون پيا ته ''اَج ڇا ٿيو آهي؟ بابو به گم ته
اَمان به گم؟'' ڇوڪري ڀيڻ کي چيو ته تون گهر ۾ رهه،
مان تو ڏسي اَچان. ڇوڪري ماءُ پيءُ کي پريان ڏٺو ته جيءُ
جاءِ ٿيس. پر هي ڇاجي رٽ لڳائي ويٺا آهن؟ ڪنڌ ڇو ويٺا
هلائين؟ ويجهو آيو ته ٻڌي ته بابو ويٺو چوي ته ''هاءِ
منهنجي ڏئندي وئي''، ته اَمان پئي چوي ته 'پوءِ ڇو پئي
ڏوتوَ''؟ هاڻي هي وري ٻنهي کان سوال پڇڻ لڳو؟ پر جواب
۾ رڳو اِهوئي راڳ، پوءِ ته پٽ به چوڻ لڳو ''پوءِ گهر هلي
ڏئو هان.'' هاڻي ٽيئي ڄڻا درياهه ڪناري تي ويٺا ڪنڌ
لوڏين. اَڌ رات اَچي ٿي. ڇوڪريءَ کي ڳڻتي لڳي، ڪجهه
سمجهه ۾ نه پيو اَچيس، هاڻي ته هوءَ به هلي درياهه ڪناري،

جهولڻ سائين

هڪ شخص هوندو هو، زال، ڌيءُ، پٽ، مڪان ۽ دڪ
هوندو هوس، اِهو سڀ هوندي به، زندگي گذارڻ لاءِ
جي به ضرورت پوي ٿي. دڪان ته هوس پر ڌنڌو هل
ڪونه هوس، گراهڪ اصل ڪانه هئس. ائين سڄو ڏين
دڪان تي گراهڪ جي اِنتظار ۾ ئي رهندو هو. ڏاڍو ماي
رهندو هو سوچيندي ته ائين ڪيئن هلندو؟ ڌنڌو نه هل
ته گذر ڪيئن ٿي سگهندو؟ هڪ ڏينهن شام جو دڪان
ڪري، سڌوئي درياهه شاهه تي ويو. اِن ڏينهن چنڊ هو. و
جهولڻ کي پُڪارڻ ته ''تون جاڻي جاڻڻهار آهين، پئ
ڪانسواءِ ڪيئن زنده رهي سگهبو؟، ٻين جون خالي جهولي
ڀرين ٿو، مون ڪهڙو گناهه ڪيو؟ منهنجا ڏوهه گناهه معا
ڪر ۽ مون سان به سڻائي ڪر''. هن جي ائين ٻاڏائڻ س
هڪ سوني سِر اَچي هن جي جهوليءَ ۾ پئي، سوني سر ڏ
ڏاڍو خوش ٿيو ۽ جهولڻ جا ڳڻ ڳائڻ لڳو، پر سر هئي آل
مٽيءَ سان ٿقيل، سو چيائين ته ڌوئي گهر کڻي وڃان، ن
آليءَ مٽيءَ جي ڪري ڪپڙا خراب ٿيندا. جيئن سِر ڌو
وينو ته سر کسڪي وڃي پاڻيءَ ۾ پيس. پوءِ ته وينو رو
پٽڻ، 'هاءِ منهنجي ڏئنديوئي، هاءِ منهنجي ڏئندي وئي
بس سڄو وقت اِها رٽ لڳائي وينو. گهر نه موٽيو ته گ

پارُوٿو

هڪ ڇوڪري جنهن گهر ۾ شادي ڪري آئي، اُن گهر ۾ دان پُڃ يا ديا ڌرم جو نالو ئي ڪو نہ هو. سندس پيڪن ۾ دان پُڃ بہ ڪندا هئا تہ مندر ۾ بہ ڪٿا ڪيرتن بہ ٻڌڻ ويندا هئا ۽ ڪڏهين ڪڏهين ساڌن سنتن کي گهر ۾ گهرائي پوڄن وغيرهہ بہ ڪرائيندا هئا، پر سندس ساهري گهر ۾ ائين نہ هو. هڪ بہ دفعو سس سهري کي چيائين ”ڪڏهين مندر ۾ وڃي متو ٽيڪي اَچو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڌو براهمڻ کي گهر ۾ گهرائي پوڄن ڪرايو.“ سهري جواب ڏنس ”اسان جي گهر ۾ نَنڍيون نيتيون مندر ۾ وڃڻ اِهو رواج ڪونہ آهي. ساڌو سنت ۽ باوا ٻانيڻ سڀ نالي جا آهن. اِهي پاکنڊي هوندا آهن ۽ ماڻهن کي اجايو پنيلائي وهمن ۾ وجهندا آهن. سو تون انهن ڳالهين ۾ ڌيان نہ ڏي. تون رڳو گهر جي شيوا ڪر.“ پر ڇوڪري جو ڌارمڪ ماحول ۾ پليل هئا، سا اندر ۾ ڏاڍي گهٽڻ محسوس ڪندي هئي، پر ڇا ڪري؟ چپ ڪري ويهي رهي.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ڪم ڪار لاهي، جيئن سس ننهن اڱڻ ۾ ويٺيون هيون تہ فقير جو آواز آيو تہ ”آهي ڪير جو بکئي کي روٽي ٽڪر کارائي ڪيترن ڏينهن کان بکيو آهيان.“ ڇوڪريءَ کي بہ الائي ڇا سُجهيو جو ٽپ ڏيئي اُٿي ۽ دروازي وٽ وڃي، فقير کي چيائين ” هتان هليو وڃ، اَسان وٽ ڪجهہ ڪونہ آهي.“ فقير پڇيو تہ ”توهين

ويڇھو اَچڻ تي تنھي کي ڏسي خوش ٿي ۽ سامت جو
ڪنيائين. پر ھي ٿيئي ڇڏا لُڏن ڇو پيا؟ ڇاڇي رت لڳ
وينا آھن؟

پرسان اَچڻ تي ٻڌائين تہ بابو پيو چوي ’ھا منھن
ڏئندي وئي‘، اَمان پئي چوي تہ ’پوءِ ڇو پئي ڏوتوَ؟‘
پيو چوي تہ ’گھر ھلي ڏئو ھان.‘ تنھي کي ڏوڏي چوڻ
تہ ھوش ۾ اَچو، ’ڪجھہ ڪونہ ٿيو آھي. اَسين سڀ سلا
آھيون‘. ائين تنھي کي ڪجھہ وقت ڏوڏڻ ڪانپوءِ ھوش
آندائين. تنھي کي ھٿ ڏئي گھر ۾ آندائين. تنھي
پاڻي ڪيو ۽ ڪاڏو ڪاڏائون. اُن ڪانپوءِ بلڪل ھوش ۾ اَ
ويا. ڏيءُ سياڻي ھئي ۽ ستسنگ جا وچن ٻڌل ھئس.
کي سمجھائڻ لڳي تہ بابا، ڪوبہ خيال نہ ڪريو. سچي
رکي جھولڻ کي ڏيايو تہ جھولڻ اوس ئي من جون مرا
پوريون ڪندو. پيءُ ويچاري سڄي رات جھولڻ کي پئي
ڪيو ۽ صبوح جو اُٿيو تہ سنان پاڻي ڪري جھولڻ جي اَ
جوت جلائي پرارٿنا ڪرڻ لڳو، تہ ”ھي لال سائين، تون
جھوليون پريندو آھين، مون تنھنجي ئي اوٽ ورتي آ
تون ئي منھنجو اُسرو آھين، منھنجا ڏوھہ گناھہ بخشج

جھولڻ جو نالو وٺي دڪان کوليائين، گراھڪ
اَچڻ لڳا ۽ ڏنڌو بہ زور شور سان ھلڻ لڳو. اَھڙو آ
آسان جو لال سائين. اَسين بہ سڀ پريم ڀاوَ سان جھ
کي نت ڏيائيندا سين تہ آسان جا بہ ضرور ٻيڙا
ڪندو.

سپ ڪجھ آهي، تنهن جو مطلب تہ اِهو سپ اَڳين جنمن جي ڪرمن جو ڦل آهي تہ پوءِ اِهو پارونٽو ٿيو نہ؟“

هاٿي سهري جي دماغ ۾ ڪجھ ڪجھ ڳالھ سمجھ ۾ آئي. ڪجھ سوچي ننهن کي چيائين تہ چڱو يلا مُهن ڪونيءَ ۾ جيڪا ڪڻڪ پئي آهي، سا تون پيسائي، اِن مان روٽيون پچائي يلي دان ڪر. چوڪري وئي ڪونيءَ ۾ ڪڻڪ ڪڍڻ، ڏنائين تہ ڪڻڪ تہ خراب ٿي وئي آهي، تہ بہ پيسايائين. جيئن سهرو وينو ماني کائڻ، پهرين تہ اِن ڪڻڪ جا ڦلڪا سهري کي کائڻ لاءِ ڏنائين. سهري جيئن گرھ وات ۾ وڌو تہ ٿوُ ٿوُ ڪري ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. اصل گرھ نڙيءَ مان هيٺ ئي نہ لهيس. رڙ ڪري پڇڻ تي ننهن جواب ڏنس تہ توهان چيو هو تہ ڪونيءَ ۾ ڪڻڪ پئي اَٿئي، هي ان جو اَٽو آهي. سهري جواب ڏنو تہ ”اِهو مون دان ڪرڻ لاءِ چيومانءِ“. ننهن جواب ڏنو تہ ”ڪجھ ڏينهن اَڳ توهان اِها ڳالھ مڃي هئي تہ جيڪو دان ڪبو، اُهو ٻئي جنم ۾ ملندو. جوَ پوکي ڪڻڪ کانہ لڻبي، اڪ پوکي اَنب نہ ملندو. هاٿي ذرا سوچيو تہ توهان جڏهن هيءَ ماني نہ کائي سگهيا، تہ پوءِ خبر نہ آهي تہ پرلوڪ جو اَلائي ڪڏهين سڏ ٿئي تہ پوءِ اِها ساڳي ماني ڪيئن کائي سگهندا؟“

هاٿي سهري جي دماغ ۾ پوري ڳالھ سمجھ ۾ اَچي وئي. دل ۾ سوچيائين تہ آهي تہ برابر، جيڪو چوي ٿي، نيڪ ٿي چوي، ننهن کي پوءِ چيائين تہ ’تون هاٿي يلي دان پيچ ڪر، توکي ڪير بہ ڪجھ نہ چوندو.‘ ❏

چا ڪائيندا آهيو؟“ ڇوڪريءَ وراڻيو ”اَسين پاروٽو ڪا
آهيون.“ تنهن تي فقير چيو تہ پوءِ مونکي بہ پاروٽ
ڇوڪريءَ جواب ڏنو تہ ”هائو تہ اِهو بہ ڪونہ آهي“
ٻڌي فقير هليو ويو.

اُها ساري گفتگو سس ٻڌي تہ اَندر ۾ جلي وئي،
پئي تہ فقير سان تي ڳالهيون ڪري تہ اَسان وٽ ڪج
نہ آهي ۽ پاروٽو ڪائيندا آهيون وغيرهہ. سو منهن سڄ
ويهي رهي. رات تي سهرو گهر آيو، پر سس چپ
پنهنجيءَ نُنهن جي اَهڙيءَ هلت تي. ڪجهہ ڳاله
ڪانہ پيئي. نيٺ سيٺ پڇيو، ”اَڄ سوٽي موٽي تي
ويٺي آهين؟“ مائيءَ ساري ڳالهہ رتي ڪري ٻڌايس تہ
آهن تنهنجي ننهن جا حال، فقيرن کي تي چوي تہ اَ
وٽ ڪجهہ ڪونہ آهي ۽ پاروٽو ڪائيندا آهيون. سهر
عجب ۾ پئجي ويو ۽ غصي ۾ اچي ويو، نُنهن کان پڇيا
تہ ”ڳالهہ چا آهي؟ اَسان وٽ تہ سڀ ڪجهہ آهي، اَ
ڏينهن واري ماني بہ رات جو کين ڪائيندا آهيون؟
تي چوين تہ پاروٽو ڪائيندا آهيون،“ ننهن نمرتا
جواب ڏنو تہ، ”بابا هن گهر ۾ مون دان ڌرم يا ديا پُڄ
نالو بہ ڪونہ ٻڌو آهي، پر مان سمجهان تي تہ اَسان وٽ
سڀ ڪجهہ آهي؛ اِهو ضرور اَڳين جنمن ڪرمن جو ڦل
هوندو، جو اَسين سکيا ستابا آهيون، هن جنم ۾ اَسان اَ
ڪجهہ ڪري ئي کين رهيا آهيون، تڏهين بہ اسان

پيا. پيو مال کائي. آخر جڏهين هلڻ جي تياري ٿي ته ڳروءَ چيو، ”اَبا، هاڻي هلڻ جي تياري ڪر.“ پر چيلي جو من ئي نه ٿئي هلڻ تي، ڳروءَ تنهن تي سمجهايس، ”سنت هڪ هنڌ نه رهندا آهن ۽ سنگت پئي ٿي سڏي، سو هلڻو پوندو.“ تنهن تي چيلي چيو ته ”سائين منهنجي وينتي آهي ته مونکي هتي ڇڏي وڃو.“ ڳروءَ چيو ته ’چڱو جيڪا تنهنجي مرضي‘، هي رپيا سو وٺ ڪم ايندءِ. تون به نئون آهين ۽ شهر به نئون آهي تو لاءِ.“ سنت پوءِ رخ رکيو ٻئي شهر ڏانهن. هاڻي ته چيلي لاءِ موج هئي. پيو ٽڪي ٽڪي ۾ مال وٺي کائي. ماني ڪونه کائيندو هو. سڪا ميوا، مناڻيون ۽ ماوا وٺي پيو کائيندو هو.

هڪ ڏينهن هڪ مائيءَ جي پٽ، جيئن ڪٿان لنگهيو پئي ته مٿان اَچي ڀت ڪريس ۽ ڇوڪرو اُتي جو اُتي گذاري ويو. ڇوڪري جي ماءُ ورلاپ ڪندي راجا وٽ اِنصاف لاءِ آئي جيئن جنهن جو ڏوهه هجي اُن کي سزا ملي، نه ته اَهڙا ڏوهه پوءِ به ٿيندا رهندا. راجا چيو ته ’ضرور اِنصاف ٿيندو‘. درٻارين کي حڪم ڏنائين ته ”پتو ڪريو ته ڪهڙي رازي اِها ڀت ناهي آهي ۽ ان کي ڦاسي ڏني وڃي“. درٻان ان رازي کي ڳولهي وٺي آيا، جنهن اِها ڀت ناهي هئي. راجا چيو ته ”خبر اَٿئي ته تنهن جي ڪري ڪنهن جي جان ويئي آهي.“ رازي ڏڪندي، هٿ جوڙيندي چيو، ”قبلا، ان ۾ منهنجو ڏوهه ڪونه آهي. هڪ مائي تمام سنا

گروءَ جي شرن

سنت کو هڪ هنڌ ويهي ڪونہ رهندا آهن. اَج هڪ
تہ سڀاڻي ٻئي هنڌ، جڏهن بہ سنگت پيار سان پُڪاريندي
تہ سنت اُتي اَچي درشن ڏيئي سنگت کي نهال ڪندا

هڪ چيلي جي بہ تمنا تي تہ مان گروءَ سا
گهمان، ڏاڍو ضد ڪرڻ لڳو تہ سائين مونکي ٻ
سان گڏ وني هلو. گروءَ سمجهايس تہ رستي ۾ ڏا
مشڪلاتون هونديون آهن، اُڃ بُک تي رهڻو پوندو آ
تڏ ۾ نتهڻ اُس ۾ ۽ برسات ۾ بہ هلڻو پوندو آهي
بہ چيلو چوي مان توهان سان گڏ هلندس. گروءَ
تہ، ''چڱو بابا تيار ٿيءُ.'' سچا گرو تہ جاڻي جاڻ
هوندا آهن، سمجهي ويا تہ چيلو هلڻ لاءِ چوٽو
ڪري.

سفر تہ ڏاڍو اَڻانگو هو، ڪڏهين ماني نہ ملي، تہ ڪ
پاڻي نہ ملي، نہ آرام ملي، گرميءَ ۾ بہ هلڻو پيو
چيلو من هي من ۾ پيو پڇتائي تہ مونکي ڪهڙيءَ
ڪنيو جو مان گڏ آيس. گرو بہ اِهو محسوس پيو ڪر
چيلي کي تڪليف ٿي رهي آهي.

نيٺ هڪ ڏينهن ان شهر ۾ اَچي پهتا، جنهن لاءِ
هئا تہ 'اَنڌيري نگري چرٻٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي،
سير ڪاڄا'. اَهڙي شهر ۾ اَچي چيلي جا تہ ڀاڳ ئي

پئي ته، جيئن ته سندس ٻچي نندي هئي، ڦاسيءَ جو ڦندو ٻاهر نڪري پئي آيو، تيئي دفعا ائين ٿيو. اِن شهر ۾ قاعدو هو ته ٽن دفعن سان به ڪنهنکي ڦاسي نه لڳي ته اِن جي سزا معاف ڪندا هئا. سو هن کي به ڦاسيءَ جي تختي تان هيٺ لاٿائون. سونارو ويچارو خوش ٿيندو، پرڀوءَ جا ڳڻ ڳائيندو گهر ويو.

پر راجا جو هئو چريٽ، سو حڪم ڪيائين ته اَهڙو ڪو ماڻهون ڳولهي اَچو، جنهن جي ڳلي سان ڦاسيءَ جو ڦندو مئچ هجي، سو ڳولهيندا اُن چيلي کي وٺي آيا، جيڪو مال ملايون کائي ٿلهو متارو ٿيو هو. جڏهين خبر پيس ته هنکي ڦاسي لڳندي، تڏهين ڏاڍو ڏکي ٿيو. هاڻي گروءَ کي ياد ڪرڻ لڳو. ڏاڍو ورلاپ پيو ڪري اَندر ۾ ته هاڻي هڪ دفعو منهنجي رڪشا ڪريو، مونکي پنهنجي شرن ۾ وٺو ته مان عمر ڀر توهان جي چرڻن کان پري نه ٿيندس. پاڻ کي پيو چوي ته ”پٽ! ڪاڏو اَٿئي مائو ته هاڻي کاءُ ڦاهو.“ جڏهين گروءَ کي پڪارون ڪيائين ته گروءَ چيلي جي وينتي اونائي اَچي حاضر ٿيو. چيلي گروءَ کي ڏٺو ته جيءَ ۾ جان آيس ۽ دل ۾ پڪو وشواس ٿيس ته گرو ڦاسيءَ جي ڦندي کان ڇڏائيندو. جڏهين آخرين اِڇا پڇائونس ته چيلي گروءَ ڏانهن اِشارو ڪري چيو ته هن ماڻهوءَ سان

زيور پائي لنگهي رهي هئي، منهنجو ان طرف ڌيان
جنهنڪري هڪ سِر ٿوري تيزي لڳي وئي، تنهنڪر
پٽ تيزي تي پئي. هاڻي ڏوهہ ان مائيءَ جو
جيڪڏهين مائي اَهڙا سهڻا زيور نہ پائي ها تہ منه
ڌيان نہ وڃي ها.'' راجا حڪم ڏنو تہ ''مائيءَ کي
ڪيو وڃي''. مائي آئي. راجا کيس چيو تہ ''تنهن
ڪري ڪنهن جي جان هلي وئي آهي، تو اَهڙا سندر
پاتا ڇو؟'' مائيءَ جواب ڏنو، ''اِن ۾ منهنجو ڏوهہ
آهي، سوناري اَهڙا سٺا زيور ٺاهيا ڇو؟ جڏهن مون
ورتا تہ گهر ۾ ٿوريئي پائي وهنديس. اِن ۾ منهنجو
اَصل ڪونہ آهي.''

راجا جي حڪم تي سونارو بہ حاضر ٿيو. سونارو ه
بت ۾ سنهرو سيپڪرو، ٻچي تہ ٻيري وانگر هئ
راجا پڇيو تہ ''هي زيور تو ٺاهيا آهن؟'' سونا
سمجهيو تہ مون سٺا زيور ٺاهيا آهن، اِنهيءَ ڪ
راجا بہ منهنجيءَ ڪاريگريءَ جي واکاڻ تو ڪري،
فخر سان چيائين تہ ''ها حضوُر!'' راجا چيس
''تنهنجي زيورن جي ڪري ڪنهن جي جان هلي
آهي. انهيءَ ڪري توکي ڦاسي لڳندي''. سونارو اَ
ڏڪو، ڇا ڪري؟ هڪ دفعو تہ قبول ڪري چڪو ه
زيور هن پاڻ ٺاهيا آهن.

ويچاري کي وٺي ويا ڦاسيءَ لاءِ، جڏهن ڦاسي ڏنائو

رکشا

هڪڙو راجا هوندو هو، ڏاڍو سداچاري، دياوان ۽ ڌرمشٽ هوندو هو. پرجا جو هر وقت اونو رکندو هو. پنهنجي عملي کي بہ ڏاڍو چاهيندو هو. ديا ڌرم جا ڪم بہ جام ڪندو هو. اَهڙي نيڪ دل راجا هئڻ جي ڪري پرجا بہ ڏاڍو راجا کي پائيندي هئي. اِيشور ڏانهن بہ لاڙو هُئس. اَهڙي سُٺي پراڪرمي راجا جي سڀني ديشن ۾ ڏاڍي ساراهہ هئي. هڪ ٻئي ديش جو راجا هوندو هو، جو هن راجا جي ساراهہ سهي نہ سگهندو هو. پيو گهات گهڙيندو هو تہ ڪيئن اُن راجا جي ديش تي حملو ڪري ۽ ديش پنهنجي قبضي ۾ ڪيان. نيٺ هڪ دفعي درمشٽ راجا جي ديش تي چڙهائي ڪري آيو، پر جيئن تہ اُن راجا جا سپاهي ڏاڍا بهادر ۽ وفادار هئا، تن ٻئي راجا کي پڄائي ڪڍيو. تڏهين بہ هن راجا کي سانت ڪانہ آئي، پيو موقعا ڳولهيندو هو، هڪ دفعي ڌرمشٽ راجا بيمار ٿيو پيو. اَهڙو نيڪ دل راجا، پرجا جو ڀلو چاهيندڙ بيماري هجي تہ سڀاويڪ پرجا، وزيرن ۽ سپاهين جو ڌيان پنهنجي راجا ڏانهن ويندو. بس حاسد راجا کي اَهڙو موقعو کپندو هو، سمجهيائين تہ پرجا جو ڌيان راجا جي بيماريءَ ۾ آهي، اِنڪري بنا اِطلاح جي ڪاهہ ڪري آيو. برابر بيمار راجا جا سپاهي اوچتي حملي لاءِ تيار نہ هئا، اِنهيءَ ڪري

مونکي ڳالهائڻو آهي. گروءَ کي قاسيءَ جي تختي
آندو ويو. گروءَ چيلي کي ڪن ۾ چيو تہ ”چوندو رهہ
تہ قاسي مونکي ڏيو“. باقي اڳتي مان سنڀاليندس. جـ
ڳالهائڻ جو وقت پورو ٿيو. تہ گرو هيٺ لهي ئي نہ،
تہ قاسي مونکي ڏيو، چيلو چوي تہ ’قاسي مونکي ڏيو‘
عجب ۾ پئجي ويا، چون پيا تہ قاسي تہ ائين ٿا گهر
دنوي پدارٿ ٿو ملين. سمجهہ ۾ نہ پيو اچين تہ چا
آخر راجا کي سڏايو ويو، راجا مٿي قاسيءَ جي تخت
پڇڇي پڇيو تہ آخر ماجرا ڇا آهي؟ گروءَ چيو تہ اَج
ڏينهن، وقت ۽ تٿ اهڙي آهي جو ڪهڙو بہ پاپي ه
مرندو تہ سڌو سرڳ ۾ ويندو. سرڳ جا دروازا کلي
آهن. راجا دل ۾ سوچيو تہ مون بہ خبر نہ آهي را
نشي ۾ ڪيترائي پاپ ڪيا هوندا، سو مان ڇونہ سڌو س
۾ وڃان، سرڳ جا دروازا کليا پيا آهن. س
ڪيائين جو ٻنهي جي وچ ۾ ٻهي، هڪ ٻانهن
گروءَ کي، ٻيءَ ٻانهن سان چيلي کي ڌڪو ڏي
حڪم ڪيائين تہ قاسي مونکي ڏيو. حڪم جي
هئي، راجا کي قاسي لڳي وئي. اِها بہ خبر نہ آه
راجا سڌو سرڳ ۾ ويو يا نہ، پر چيلو تہ قاسيءَ
ڦندي کان بچي ويو.

۽ اَکين ۾ ڳوڙها آڻي پٽ کان موڪلايو. راجڪمار کي ذرو
۾ ڊپ مرڻ جو نہ پيو ٿئي، ڇاتي نوڪي اَچي حاسد راجا
ڪي اَڳيان بيٺو. راجا سوال ڪيس ”توکي مون کان ڊپ
ڪونہ ٿو ٿئي؟“ ڇوڪري جواب ڏنو تہ ”هرگز نہ“.
راجاجوش ۾ اَچي، راجڪمار جي ٻانهن پڪڙي چيو تہ
”مان توکي مارائي ڇڏيان تہ“ راجڪمار جواب ڏنو تہ،
”توهان ائين هرگز نہ ٿا ڪري سگهو.“ راجا پڇيو، ”سو
ڪري ڪيئن؟“ راجمڪار چيو تہ ”شاديءَ مهل ڇوڪرو جڏهن
ڇوڪريءَ جو هٿ پڪڙيندو آهي تہ هن جي سڄي عمر
رکشا ڪرڻ لاءِ ٻڌل رهندو آهي، توهان تہ منهنجي ٻانهن
پڪڙي آهي، سو توهان مونکي ڪيئن مارائي ڇڏيندا؟“
هڙي ننڍي راجڪمار جي حاضر جوابي ٻڌي ۽ نريٽتا
ڏسي راجا جي اَکين ۾ پاڻي اَچي ويو. چيائين ”پٽ!،
تون بہ ڪوبہ خيال نہ ڪر، مان توکي پنهنجو ديش
واپس ڏيان ٿو ۽ انجام ڪريان ٿو تہ تنهنجي هميشہ
رکشا ڪندس، پر جيڪڏهين ڪنهن ڏارئي راجا تنهنجي
ديش تي حملو ڪيو تہ مان توکي ۽ تنهنجي راڄ کي
بچائيندس.

”جنهن سان سائين ساڻ آ، تنهن کي کهڙي
ڪاڻ آ.“

مقابلو ڪري نہ سگھيا، ۽ هار کاڌائون. حاسد راجا
خوش ٿيو، جو اها راڄڌاني سندس هٿ ۾ آئي. ڪ
ڏينهن کانپوءِ بيمار راجا گذاري ويو. پرجا ۽ وزير
ڏک تہ ڏاڍو ٿيو، پر ڇاٿو ڪري سگھجي. راجا جي
پٽ بہ سائينءَ جي رضا تي راضي رهيا، پر هن حاسد
کي اَچي ڊپ لڳو تہ متان هي راجڪمار وڏو ٿي، م
بدلو وٺي ماڳھين منهنجو، ديش نہ هڙپ ڪري، اِن
پنهنجن سپاهين کي حڪم ڏنائين تہ راجڪمار کي پ
وٺي اَچو. راجڪمار جي ماءُ وزيرن جو اِهو نياپو ٻڌو تہ
ڊڄي وئي. وزير سوچين پيا تہ ممڪن نئون راجا، راج
کي مارائي ڇڏيندو. راڻي ۽ وزير ڏاڍي ڊپ ۾ اَچي
سمجھي نہ پيا سگھن تہ ڇا ڪجي؟ جھونا وزير راج
کي ڏاڍو پيا رکندا هئا ۽ نہ پيا چاهين تہ ايتريءَ ننڍ
عمر ۾ راجڪمار پريوءَ کي پيارو ٿي وڃي. هو راجڪما
پيا سمجھائين تہ جيڪڏهين راجا کي بہ سوال پڇي
تن جا هي جواب ڏجانءِ. ائين تن سوالن جا ج
ٻڌايائونس. راجڪمار بہ سياڻو ۽ سمجھو هو، پيءُ جا سن
پيل هئس، تنهن چيو تہ اِهي سوال نہ پڇن ۽ ماڳھين
ڪو سوال پڇن تہ ڇا ڪريان؟ تنهن تي راڻيءَ سندس
چيو: ”پٽ تون ڪوبہ خيال نہ ڪر. جيڪو تنهنج
بولي اُهو جواب ڏج.“ راجڪمار وزيرن کان موڪلايو

آهيان تہ تنهنجو پتوئي نہ آهي.'' ڏاڍا مورلاپ ڪرڻ سان بہ• ايشور اَچي درشن ڏنس. ڀڳت ڏوراپو ڏنس تہ ''تون پنهنجي واعدي تان ڦري ويو آهين. مون توکي چيو هو تہ مونکي ڇڏي نہ وڃجانءِ، مون سان گڏ هلجانءِ، ڏُک سُک ۾ ساٿ ڏجانءِ، پر توکان واعدو وسري ويو آهي.'' ڀڳوان چيس تہ مان توسان هميشہ گڏ آهيان. '' ڀڳت ڏٺو تہ برابر پير تہ ٻن جڻن جا آهن. ڇگو وقت ٻئا پير ڏسڻ ۾ پئي آيا، پر ٿوري مفاصلي کانپوءِ رڳو هڪ جوڙو پيرن جو ڏسڻ ۾ آيو. تنهن تي ڀڳت چيو تہ ''هاڻي تہ رڳو هڪ جوڙو پيرن جو ڏسڻ ۾ ٿو اِچي، جڏهين منهنجي مٿان دک آيا، تڏهين تون مونکي ڇڏي ويو آهين.'' ڀڳوان وراڻيو تہ ''منهنجا پيارا ڀڳت، مان توکي دکن ۾ ڇڏي ڪونہ ويو آهيان، اِهي پير منهنجا آهن.'' ڀڳت پڇيو تہ ''پوءِ پلا منهنجا پير ڪٿي آهن''، تڏهين ڀڳوان ڏاڍي پريم سان ڀڳت کي چيو تہ ''جڏهين تنهنجي مٿان ڏُک آيا، تڏهين مون توکي پنهنجيءَ گود ۾ کنيو آهي.'' اهڙا پريم پريا اَکر ٻڌي ڀڳت جي اَکين ۾ پاڻي اَچي ويو ۽ ڀڳوان جي چرنن تي ڪري پيو. اِهو اَٿو ڀڳوان جو واعدو. ڀڳوان ڪو رواجي اِنسان تہ ڪون آهي، جو واعدو ڪري ڦري وڃي. اسين بہ من ۾ سچي شرڌا ۽ ڀڳوان لاءِ پريم ڀاوَ رکنداسين تہ اسان کي بہ مصيبت جي وقت ڀڳوان گود ۾ کڻي هلندو ۽ اسان کي اَڪيلو نہ ڇڏيندو.

❑

ڀڳوان جو واعدو

ڀڳوان ۽ ڀڳت جو هڪ ٻئي سان ڏاڍو پيارو ناتو
آهي، ٻئي هڪ ٻئي کانسواءِ رهي نہ سگهندا آهن.
ڀڳت هر وقت ايشور کي ياد ڪندو آهي، تئين ڀڳوان
وقت ڀڳت جي رکشا ڪندو آهي ۽ ڀڳت جو وار بہ ونگ
نہ چاهيندو آهي.

هڪ ڀڳت ڏاڍي ڀڳوان جي ڀڳتي ڪئي. ڀڳوان بہ
تي ڀڳت کي درشن ۽ ور گهرڻ لاءِ چيو. ڀڳت بہ ڏاڍو
هو، سو ڀڳوان کي چيائين تہ هميشہ منهنجي اڳيان
هلجاءِ، مونکي اڪيلو نہ ڇڏي وڃجانءِ ۽ ڏک سک بہ م
پري نہ ٿجانءِ. ڀڳوان بہ تٿا اَستو چئي انتر ڌيان ٿي

هئڙا ور پائي ڀڳت تہ بيپرواهہ ۽ بيفڪر هو. پئي د
موجون ڪيائين، سمجهيائين تہ ايشور تہ دک سک ۾
سان ساڻ آهي ۽ مونکي ڇڏي ڪونہ ويندو. جنهن
ڀڳت ڏاڍو عيش عشرت پيو ڪري ۽ سڀ سُک پيو م
سکن ۽ مزن ماڻڻ مهل ايشور بہ ياد نہ رهندو هوس
سڀ سُک ماڻي پورا ڪيائين تہ آيو دکن جو وارو. سُ
اِنسان ماڻي سگهندو آهي، پر ٿورو بہ ڏُک سهي نہ سگ
آهي.

هاڻ کيس ڀڳوان ياد آيو. ويٺو ڀڳوان کي ڏوراپ
”ڀڳوان انجام ڪري ڦري ويو آهين. مان هيترن د

جو گهر ۾ ڊاڪٽر گهرائڻو پيو. ڊاڪٽر اَچي دوائون وغيره لکي ڏنيون. دوائون به گهر ۾ اَچي ويون، پر زال چا ڪيو جو سڀ دوائون گهوٽ کي ڏيڻ جي بدران تاڪ تي رکي ڇڏيائين. ماڻهون پيو عجب کائي ته مونکي دوا ڇو ڪانه ٿي پياري، مان هيترو وينو لوڙيان. سو زال کي چيائين ته ٢٢دوا ڇو ڪانه ڏين مونکي؟ ”پر زال جواب ئي نه ڏئي. آخر ٻئي دفعا ڇوڻ ڪانپوءِ زال جواب ڏنس ته ”تڪڙ کهڙي آهي دوا پيئڻ جي؟ اَڃا ته عمر پئي اَٿو، پوءِ پيا دوائون پيئجو.“ پر هي ياڻي ڳالهه سمجهي نه پيو سگهي، چيائين ”مونکي هيتري تڪليف آهي، ڊاڪٽر به گهر ۾ آيو، تون آهين جو دوائون مونکي ڏين ڪانه ٿي“، ته به زال چوي ته ”کهڙي تڪڙ آهي“ ڪڏهين نه ڪڏهين دوا پيئجو.“ گهوٽ ڏاڍو غصو ڪرڻ لڳو، تڏهين جوٽس چيس ته ”توهان ئي ته چوندا آهيو ته نام جپڻ جي کهڙي تڪڙ آهي، اَڃا عمر پيئي آهي.“ بس گهوٽ اِشارو سمجهي ويو، سو زال کي پيار سان چيائين، ”هاڻي مون سمجهو. هاڻي مونکي پهرين دوا جو ڊوز ڏي ۽ پوءِ مونکي دربار ۾ وٺي هل، اُتي به مونکي ستگرن کان نام جو ڊوز وٺي ڏي، مان ٻئي ڊوز پيئندس.“ زال ڏاڍو خوش ٿي. گهوٽ نيڪ ٿيو ته دربار ۾ وٺي ويس ۽ گروءَ کان نام وٺي ٻئي جپڻ لڳا ۽ پوءِ نت نيم سان دربار ۾ ويندا هئا.

❐

نامر جو ڏوز

هڪ مائي هوندي هئي، جيڪا نت نيم سان در
ويندو هئي. گهر جو ڪم ڪار ڪندي بہ سنتن سان ب
هوندو هوس. جيئن ئي ٽائيم ملندو هوس تہ دربار
شيوا، سمرن، ستسنگ، پوجا ۽ آرتي ضرور ڪندي
اِنهيءَ ڪري هن مائيءَ جو من بہ هميشھ شانت
هو. پر مائيءَ جو گهوٽ ڪڏهين بہ دربار ۾ نہ ويند
روز پيئي گهوٽ کي چوندي هئي تہ ”ڏنڊو وغيرھ تہ
ڪريو ٿا، پر ڪڏهين تہ دربار ۾ هلي ستسنگ بہ ٻڌو
گهوٽ جواب ڏيندو هوس ”اِهي واندن ماڻهن جا
آهن، مونکي ٽائيم ڪونہ آهي“.

مائي ٻئي ٽئين ڏينهن دربار ۾ هلڻ لاءِ پئي گهو
چوندي هئي، تہ بہ گهوٽ جواب ڏيندو هوس تہ ”
تڪڙ ڇو ٿي ڪرين دربار ۾ هلڻ لاءِ، اڃا عمر پئي آ
مائي ڇئي ٿڪجي پئي، پر هيءُ پڳت دربار ۾
ڪان نابري واري ويٺو.

مائي ڏسندي هئي تہ ڏنڊو واپار سٺو ٿو هلي ۽
ڪافي اَچي ٿو، پر گهو تس کي جو تن من جا مون
آهن. اِن لاءِ هوءَ ڇا ڪري؟ گهوٽ تہ دربار ۾ هلڻ ل
نہ هو.

هڪ ڏينهن اِهو ماڻهون ڏاڍو بيمار ٿي پيو، ايتر

موسم ۾ ڏاڏا سنا، پڪا ۽ مٺا انب ڏيندو هو، هيءَ ڇوڪري
بہ نوڪري ڪٽي انبن جي وڻ وٽ ويندي هئي ۽ چوندي
هئي، ”اَنب وڻ!“، وڻ جواب ڏيندو هو، ”جيءُ راڻي“،
ڇوڪريءَ چوندي هئي تہ ”جُهڪي پئہ“، وڻ هيٺ ٿيندو
هو تہ هوءَ سنا ۽ پڪا اَنب پٽي گهر کٽي ايندي هئي جي
سڀ ڪائي ڏاڏا خوش ٿيندا هئا.

سندس ننڍي ماٽيجي ڀيڻ ڪاري بہ هوندي هئي، تہ
ڪاڻي بہ هوندي هئي. ماٽيجي ماءُ جو سوچيندي هئي تہ
مان پنهنجيءَ ڌيءُ کي اوچا، عمدا طعام ٿي کارايان تہ بہ
سڙي سڪي پئي آهي، ۽ هوڏانهن ماٽيجي ڌيءُ وڃي ٿي
شڪل شبيهہ ۾ کُلندي ۽ کهڙي نہ سندر ٿي لڳي. هڪ
ڏينهن پنهنجيءَ ڌيءُ کي چيائين تہ تون وڏيءَ ڀيڻ سان
گڏ وڃ، ڏس تہ هوءَ ڪيڏانهن ٿي وڃي. وڏي ڀيڻ کي
چيائين تہ ”اَدي، اَڄ مان بہ توسان گڏ گهمڻ هلنديس.“
وڏيءَ ڀيڻ چيو تہ ”ڀلي هل“. هوءَ ننڍي ڀيڻ کي بہ قبر
تي وٺي آئي، جتي هميشه موجب ٿورو رنائين، پوءِ ڪتي
پاڻ بہ کاڌائين ۽ ڀيڻ کي بہ ڏنائين ۽ شربت بہ ٻنهي پيتو.
ننڍيءَ ڀيڻ ڇا ڪيو جو ماءُ کي ڏيکارڻ لاءِ ٿوري کُتي
ننهن ۾ کٽي رکيائين. گهر اَچڻ شرط ماءُ کي سرجستي
ڳالهہ ڪري ٻڌايائين ۽ ڪتي بہ جيڪا ننهن ۾ وجهي کٽي
آئي هئي سا ڏيکاريائينس. هاڻي ماڻس بہ سوچڻ لڳي تہ

چل ڪپٽ جو نتيجو

(هيءَ آکاڻي مونکي منهنجيءَ ماءُ پوڙري ٻائيءَ ٻ
ڊاڪٽر ڪي. ايم. چنديراماڻي موري (سنڌ) ۾ ٻڌ
هئي، جنهن جو ديهانت موري ۾ ئي ١٩٤٤ ۾ ٿيو.)

هڪ هئي ڇوڪري، ڪيس ماٽيلي ماءُ ۽ ننڍي ڀيڻ
ماٽيجي ماءُ پنهنجيءَ سڳي ڌيءُ کي ميوا ۽ مال
کارائيندي هئي، پر ماٽيجي ڌيءُ کي جَوَن جي
روٽي ڏيندي هئي. ڪاڻ وقت هيءَ ڇوڪري پنهنجي
کي ياد ڪري اَندر ئي اَندر ۾ ڏاڍو رئندي هئي،
آهن تہ ماءُ ماٽيجي تہ پيءُ ڪاسائي، هن ڇوڪريءَ
اهو حال هو، هيءَ ڇوڪري روز پنهنجي ماءُ جي ق
ويندي هئي، اتي ماءُ کي ياد ڪري رئندي
ڳوڙها اُگهي بس ڪندي مس هئي تہ سامهون ق
پرسان ڪُتيءَ جي ڪٽوري ۽ شربت جي ڪُپڙي
هوندي هئس، ڪُتي ڪائي پوءِ شربت پي چڏ
هئي. انهيءَ مان کيس ٻل ۽ طاقت ملندي
ماٽيجي ماءُ جي جَوَن جي روٽيءَ جو خيال ئي نہ
هئي.

ڇوڪري شڪل صورت جي ڏاڍي سندر ۽ وڻندڙ
سندن گهر جي اڱڻ ۾ هڪ انبن جو وڻ هوندو

زيور هئس. جڻ تہ راجمڪاري پيئي لڳي. ماتيلي ماءُ اِهي ڳالهيون ڪيئن ٿي سهي سگهي، اَصل جلي رک ٿي ويئي، ڪُجهہ ترڪيبون سوچڻ لڳي. چاهيائين ٿي تہ هن جي بدران اِهي سڀ سُک منهنجي ڌيءُ ماڻي، سو ڪنهن جادو ٽوڻي واريءَ سان صلاح ڪيائين، جنهن هڪ ڌاڳو ڏنس تہ ڇوڪريءَ کي پائيندينءَ تہ ڇوڪري جهرڪي بڻجي اُڏامي ويندي. هن ماٽيجي ڌيءُ جا زيور لاهي، ان کي ڌاڳو ٻڌي ڇڏيو. ڌاڳي ٻڌڻ سان ڇوڪري جهرڪي بڻجي پيئي ۽ اُڏامي وئي.

جڏهن باقي ٿورا ڏينهن هئا ۽ ناني بہ اَچڻ وارو هو پنهنجيءَ زال کي وٺڻ لاءِ، هيءَ ڇوڪري جو ڪاري ۽ ڪاڻي هئي، سو اک کي ڪٽي پٽي ٻڌي ڇڏيائينس. ناني آيو، ڇوڪري هن جي اڳيان وئي، پر هو سڃاڻيس ڪونہ پيو. تنهن تي ڇوڪريءَ جي ماءُ چيو تہ ”اک کي ڌڪ لڳو اَٿس ۽ ڊاڪٽر پٽي ٻڌي اَٿس ۽ پٽي کولڻ کان منع ڪئي اَٿس.“ ڇوڪري پڇيو تہ ”ڪاري ڇو ٿي وئي آهي؟“ تنهن تي ماڻس جواب ڏنو تہ” بخار آيو هئس، اِنهيءَ ڪري ڪاري ٿي وئي آهي، ٿورن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندي.“ ڇوڪرو چپ رهيو، ڇا ڪري؟

جڏهين ٻئي گهر آيا تہ ڇوڪريءَ کي ڏسي سڀ وائڙا ٿي ويا تہ اَسان جي هيڏي خوبصورت ننهن سا اَهڙي

ڪجهہ تہ آهي جو هيءَ وڃي ئي سهڻي ٿيندي. چ
ٻئي ڪنهن شهر ۾ سندس شادي ڪرائي ڇڏيان،
کٽي ۽ شربت ڪونہ ملندس. سو تڪڙ ۾ ڇوڪري
شادي ڪرائي ڇڏيائين. اَنب جو وڻ بہ وڃي ڇوڪري
ساهري اَڱڻ ۾ پهتو. هيءَ ڇوڪري سٺي، سندر، سڀا
نماڻي نوڙت واري سڀني کي موهي ڇڏيائين. سا
اَهڙي نُنهن پائي ڪري ڏاڍا خوش ٿيا. اُها هئي اَنب
موسم، ڪنوار چيو سس کي تہ ”اَمان، مونکي ٽوڪر
تہ مان اَنب کٽي اَچان.“ سس بہ پاٻوهہ مان چيس
ڪٿان اَنب کٽي ايندينءَ؟“ ڪنوار پيار مان چيو تہ ”
اَڱڻ ۾ اَنبن جو وڻ آهي نہ، اُهو مونکي اَنب ڏيندو.“
ٽوڪري ڏنس، ٽوڪري هوءَ کٽي آئي اَنب وڻ وٽ، چ
”اَنب وڻ“، وڻ جواب ڏنو، ”جيءُ راڻي“، چو
چيو تہ ”جهڪي پئہ“، وڻ ٿورو هيٺ ٿيو ۽ هن من
پٽي اَچي سس کي ڏنا، ساهرا ڏاڍا خوش ٿيا. پن
لڇڻ سان تہ اَڳ ۾ ئي سڀني کي موهي ڇڏيو هئ
هاڻي تہ سڀ هن تان گهورون وڃڻ لڳا.

ڇهہ مهنا ڪن ٿيا، هاڻ ماٽيجي ماءُ کي دنيا دار
خيال آيو تہ ’ماڻهون ڇا چوندا؟ ماٽيجيءَ ڌي
گهرايو بہ ڪونہ اَٿس‘. ڌيءَ کي پوءِ نينڊ ڏئي گهرا
ڇوڪري تہ اَڳئين ڪان بہ سٺي پئي لڳي. ڇا تہ ڪپڙا

پاتي اُتي ڪڙا تيا ۽ ڇوڪريءَ پنهنجي ماتيجي ماءُ جا
ڪرتوت ٻڌايا، جنهن جي ڪري هيءَ جهرڪي تي پئي
هئي. وري بہ پڪ ڪرڻ لاءِ نوڪري ڏنائونس تہ ڇگو يلا
اَنب تہ ڪٽي اَچ. هيءَ تہ اَنب ڪٽي آئي، ڇوڪري جي
مائٽن ڇيو تہ اَهڙيءَ ماتيڇي ماءُ کي سبق سيکارڻ
گهرجي، جنهن اسان سان هئڙو دولاب ڪيو آهي. ڇا ڪيائون
جو ڇوڪريءَ کي ماري پارسل ناهي، ڇوڪريءَ جي پيڪن
۾ موڪلي ڇڏيائون. پارسل ڏسي ماءُ ڏاڍو خوش ٿي. اوڙي
پاڙي وارا گڏ ڪيائين، ڇوي پئي تہ ڇهہ مهنا ماتيجي
ڌيءَ کي شادي ڪئي ٿيا هئا تہ ڪڏهين نہ ڏي بدڙي يا
تول جي ڪانہ موڪليائين، هاڻي مهنو بہ مس ٿيو
آهي تہ ڪيڏن نہ سڀي ڌيءُ هيڏو وڏو پارسل موڪليو
آهي. ڏاڍو خوش ٿي مان کوليائون. هاڻي مان توهان
کي ڇا ٻڌايان؟ توهان پاڻ سوچيو، ڇا حالت ٿي
هوندي ماءُ جي. ٻئي هٿ هنيائين پنهنجن ڪرمن
تي. اِنڪري ڪڏهين بہ ڪوڙ ڪپٽ ۽ ڇل ول نہ
ڪرڻ گهرجي. ❒

مون تہ پنهنجو بار سائين توهان تي وڌو آهي
بي فڪر سان، مونکي هاڻي ڪائي ڳڻتي ناهي.
- ڪانتا 'آننت'

کيئن تي وئي آهي. ڇوڪريءَ بہ ٻڌاين :''اَڪ
لڳو آهي ۽ بخار جي ڪري ڪاري ٿي وئي آهيان.''
ننهن ڏسي ساهرا اندر ۾ پريشان پيا ٿين ۽ مزو ئي م
وين. سس چيس تہ ''چڱو پلا، هيءَ ٽوڪري وٺ ۽
ڪٽي اَچ.'' هيءَ وئي اَنب وڻ وٽ. چيائين. ''اَنب
جواب مليس تہ ''ڦوٽ راڻي،'' هن چيس تہ ''
پئہ''، چيائين ''جهڪي تنهنجو وڏو.'' خالي ٽ
ڪٽي اَچي سس کي ٻڌائين ۽ چيائين تہ اَڪ
ٻڌل آهي نہ، اِنهيءَ ڪري اَنب وڻ مونکي سڃاڻي
ٿو. سس ويچاري چُپ رهي.
رات جو ٻئي گهوٽ - ڪنوار متي ڪڏ تي
هئا. ساڳي جهرڪي بہ روز ايندي هئي ۽ چوندي
''راڻا! ساليءَ سان سمهيو پيو آهين، راڻا! ساليءَ سان
پيو آهين.'' ڇوڪرو اِهو ٻڌي ننڊ مان اُٿي وهندو
ايتري ۾ جهرڪي اُڏامي ويندي هئي. روز اِها ڳالهہ
هئي. هڪ ڏينهن ڇوڪري سوچيو تہ اَڄ ننڊ ڪونہ ڪ
ڏسان تہ اِها آهي ڪير، آواز سڃاتل پئي ٿو لڳيس. س
جهرڪي آئي ۽ چيائين نہ. ''راڻا! ساليءَ سان سمه
آهين''، تہ ڇوڪري چنبو هڻي جهرڪيءَ کي پڪ
ڏاڍو ٽٽي پيو ۽ جهرڪي سندر سٽي ڇوڪري تي
ڇوڪري پنهنجيءَ زال کي ڏنو تہ وائڙو پيو. سپ

ائڻ لاءِ وڻ جي هينان ويهي رهيا. جيئن ڪاڏو اَجان ڪوليائون
س تہ شينهن جي زبردست گجگوڙ ٻڌڻ ۾ آين. ائين پئي
ڻو تہ جڻ شينهن ويجهو ئي آهي. هنن سوچيو تہ جي
سين ڪاڏو ڪائڻ وهنداسين تہ شينهن اَچي اَسانکي پنهنجو
اڄ ٻڻائيندو. اِنڪري اِتي ئي ڪاڏو ڇڏي جان بچائي وني
ڳا. وڻ تي وينل ماڻهون سڀ ڏسي رهيو هو، چيائين تہ
اڏو تہ هيٺ پهچي ويو آهي، پر منهنجو بہ شرط آهي تہ
ان هيٺ وڃي ڪاڏو ڪين ڪائيندس. سائينءَ ڪي ڪاڏو
اراڻو آهي تہ متي اَچي مونکي هٿ سان ڪارائي.

تورو وقت ئي ڪين گذريو جو ڪي چور چوري ڪري
چوريءَ جو مال ساڻ ڪڻي، هن وڻ جي هينان لنگهي رهيا
ئا تہ ڪاڏي تي نظر پين. ٻُک بہ ڏاڍي لڳي هئن، ۽ جيئن
ي ڪاڏو ڪائڻ تي وينا تہ سندن سردار رڙ ڪئي ”خبردار!
جي روٽيءَ ڪي هٿ لاتو اَتو. اِن ۾ چال آهي. شايد ڪن
اڻهن ڪاڏي ۾ زهر وجهي رکيو هوندو تہ جيئن اَسين
ائون ۽ ڪائيندي ئي مري وڃون، جيئن هو پوءِ اَسانجو جو
چوريءَ وارو مال پاڻ ڪڻن“، جنهنڪري ڪنهن بہ اِن
اڏي کي هٿ ڪونہ لاتو. ايتري ۾ هڪ چور جي نظر وڻ
ي وينل هڪ ماڻهوءَ تي پئي. هنن سمجهو تہ پڪ اِن
اڻهوءَ اُن ڪاڏي ۾ زهر گڏيو هوندو، پوءِ متي وڃي ويهي
هيو آهي رونشو ڏسڻ لاءِ تہ اَسين ڪيئن ٿا مرون، جيئن
و اَسان جو سارو سامان ڪڻي وڃي. ڪيس هيٺ لهڻ لاءِ
شارا پئي ڪيائون. پر هوُ لهي چوتو؟ انهيءَ مان هيڪاري
چورن کي پڪ پئي تي تہ ضرور اُن ماڻهوءَ ڪاڏي ۾ زهر

سائين ٻُڪيو نہ سمهاريندو آ

هڪڙو ماڻهون هوندو هو، جو محنت مزوري ڪر
پاليندو هو، ڪڏهين ستسنگ ۾ بہ وين
جتي اِهي وچن ٻڌندو هو تہ ”سائين ڪڏهين بہ
ڪي بکيو نہ سمهاريندو آهي. سيني کي روٽي روزي
ڏيندو آهي.“ هو خيال ڪندو هو تہ سائين سيني کي
ڪيئن کارائيندو هوندو؟ محنت مزوري ڪري چا
تا ڪمايون ۽ پوءِ سيڌو آٽي گهر ۾ روٽي تا ناهيو
محنت مزوري نہ ڪبي تہ گهر ۾ روٽي ڪيئن نه
وري بنا محنت جي اَگر روٽي ملي تہ پوءِ اِنسان ڪم ڇو
اِهو پيٽ ئي تہ ڪم ڪرائي ٿو، نہ تہ ماڻهون جيڪر سڄ
سمهي نہ پئي؛ پر پيٽ جي آڳ ئي محنت ڪرائي ٿي
ستسنگ ۾ تہ اِهي ئي ڳالهيون ٻڌندو هو تہ
سيني کي رزق رسائيندو آهي. هڪ ڏينهن اُن ماڻه
ڪيو تہ ڏسان تہ سائين مونکي ڪيئن ٿو ماني کارائ
ڏينهن هو محنت مزوري ڪرڻ نہ ويو. وڻ تي وڃي
ويٺو. چيائين ”سائينءَ کي ماني کارائڻي آهي تہ
مٿي اَچي کارائي ۽ پنهنجي هٿ سان کارائي،
مڃيندس تہ برابر سائين بکيو نہ سمهاريندو آهي
سائينءَ کي آزمائڻ لاءِ مٿي وڻ تي ويهي رهيو.
ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ڪي ماڻهون پاسي واري ش
پنهنجي ڳوٺ اَچي رهيا هئا ۽ ٿڪ ڀڃڻ ۽ ڪاڏو

داتا جي گهر دير آهي، پر اَنڌير نہ آهي

هڪ ڏنوان سيٺ هوندو هو. لڪشميءَ جي ڏاڍي مٿس مهر هئي، ڪنهن بہ قسم جي ڪمي ڪانہ هئس. دان ڌرم ۽ ديا پنج جا ڪم بہ جام ڪندو هو. سائين جي هيترا سُک ڏيندو آهي تہ پاسي ۾ تورو دک بہ ڏيندو آهي. ڇوتہ سُک ۾ تہ اِنسان ايشور رکي ياد ڪانہ ڪندو آهي، پر ڏُک ۾ سائينءَ کي ياد ڪندو آهي. جيون ۾ ڏُک هئڻ بہ ضرور آهي، جي ڏُک نہ هجن تہ اَسين اِنسان بيشڪر ٿي سکن جو قدر ئي نہ ڪريون. هن سيٺ کي بہ بيا تہ سڀ سک هئا، محل ماڙيون گاڏيون لاڙيون ڪاريون دڪان ڏنڊا نوڪر چاڪر وغيرهہ. پر اولاد جو سُک ڪونہ هوس. هيترو ڌن دولت مال ملڪيت ڪير ماڻي؟ وارث نہ هوندو تہ خاندان ڪيئن هلندو؟ بس اِهائي ڳڻتي سيٺ کي ڪائي رهي هئي.

اولاد لاءِ گهڻيئي حيلا هلائيندا هو. جتان بہ جيڪو ڏس ملندو هوس اُهو ڪندو هو. گهڻيئي پير فقير ساڌو سنت مندر مڙهيون تڪاڻا گرجا گهر پيتيائين تہ بہ من جي مراد پوري نہ پئي ٿيس. ديا ڌرم جا بہ ڪم پئي ڪيائين، ڪير بہ هن جي در تان خالي ڪونہ ويندو هو. چاهيندو هو تہ من ايشور هڪ ڏينهن راضي ٿئي پر ڪجهہ نہ وريو. سيٺ جي

ڳڌيو آهي. چونس پيا تہ ’هيڻ لهي اَچ ۽ پهريون
ڪاڻ‘، پر هي لهي ئي نہ پيو، جو هن جو شرط هو
پنهنجي هٿ سان نہ ڪائيندس. نيٺ چور ڪاڏو ڪ
وڻ تي ويا ۽ ڪيس ڪاڏي ڪائڻ لاءِ زور پيا پرين پر ه
ئي نہ، من ئي من ۾ پيو مشڪي ۽ سائينءَ جا ڳُڻ
جيڪو ٻڌو اَتم سو سچ تي رهيو آهي. چور چونس
”پُٽ ماءُ جا! ڪاڏو ڪيئن نہ ڪائيندين؟ اَسان ڪ
پئي چاهيئہ“، سو زوريءَ ڳراهيون ٺاهي ڪارائيند
هي نشچنت ڪائي رهيو هو ۽ سائينءَ ۾ ويساهہ بہ پيو
جڏهين چورن ڏنو تہ هي تہ مزي سان ڪائي رهيو
ڪجهہ ٺئيس بہ ڪونہ ٿو. سو پڇياڻونس : ”ڳالهہ ڇ
وڻ تي چڙهي چو وينو آهين؟“ ان ماڻهوءَ بہ
ڳالهہ ڪري ٻڌاين تہ ڪاڏي ۾ زهر وغيرهہ ڪجھ ڪو
مونکي ڏسڻو هو تہ سائين مونکي وڻ تي روٽي ڪ
پهچائي.“ جڏهين چورن سچي ڳالهہ ٻُڌي تہ پاڻ تي
لڳ آين ”جڏهين سائين سڀني کي رزق رسائڻ وارو
پوءِ اَسين هي بدناميءَ جو وهنوار ڇوتا ڪريون؟ ڇ
جي راهہ تي هلي، محنت مزوري ڪري سچ جي
ڪمايون. هن چوريءَ جي ڌنڌي ۾ سدائين پڪڙ
ٻپ رهي ٿو. ڪڏهين جيل ۾ ڪڏهين ريل ۾ ۽ پ
ڪانپوءِ پوليس جيڪي عقوبتون ڪري ٿي سي الڳ
سوچي انهن چورن بہ پوءِ سچ جي راهہ اَپنائي ۽
مزوري ڪرڻ لڳا.

خرچ پريندس'. ساڌن چيس تہ 'هوَن ڪرڙو پوندو، تنهن
جي لاءِ سامگري کپندي، هيترا گيهہ جا دٻا، هيترا ميوي
جا ٽوڪرا، هيترا مٺائيءَ جا ٽوڪرا، هيترا وستر ۽ مٿان
ڏڪڻا'، سيٺ چيو تہ توهان چنتا نہ ڪريو، سڀ توهانکي
ملندو، سيٺ سيني شين جو اِنتظام ڪري ورتو. هيترو مال
ڏسي ٺڳ ساڌو اندر ۾ ڏاڍو خوش پيا ٿين. ساڌن سيٺ کي
چيو تہ سائين ٻالہ ٻڌو، اَسين پوڄا وغيرهہ جهنگل ۾
ڪنداسين، ڇاڪاڻ تہ اَگر توهان جا چار سڄڻ آهن، تہ
چار دشمن بہ هوندا، سڀ ڪونہ چاهيندا تہ ڪو توهان جي
من جي مراد پوري ٿئي ۽ توهان کي اولاد جو سُک ملي،
اِنڪري اَسين هوَن وغيرهہ جهنگل ۾ ڪنداسين ۽ پوءِ
توهان کي پرساد موڪليندا سين. سيٺ چيو تہ برابر، پر
مان توهان کي هڪ نوڪر بہ ٿو ڏيان، مٿان پوڄا وقت
ڪنهن شيءِ جي ضرورت نہ پئيو. نوڪر هوندو تہ جلدي
شيءِ آڻي ڏيندو. چورن دل ۾ سوچيو تہ نوڪر هوندو تہ
اَسانجو ڀانڊو بہ ڦوڙيندو؟ ۽ اَسانجو پوَل بہ پڌرو ڪندو؟
سو سيٺ کي چيائون ''نہ سائين اَسانکي سڀ سامگري
برابر آهي، توهان چنتا نہ ڪريو، نوڪر جي ڪائي
ضرورت نہ آهي.''

ٺڳ چور سڀ مال پاڻ سان کڻي جهنگل ۾ پهتا. اتي
هوَن ٻاريائون، چئن ڪندن تي وهڻ لاءِ آسڻ رکيائون. پهرين
هڪ چور آسڻ تي ويٺو. پر منتر ڪهڙو چوي؟ رڳو اِها خبر

وس ۾ جو ڪجھ ھو سڀ ڪيائين، اِن کان پوءِ سائين
رضا تي راضي رھي، سوچيائين جيڪا سائينءَ جي
پوءِ تہ پنھنجي مايا اناث آشرمن ۾، وڏوائن لاءِ غريب
۽ بيمارن لاءِ دل کولي خرچڻ لڳو. ھاڻي تہ اولاد لاءِ
ڇڏي ڏنائين.
ھڪڙا چار ڌاڪو ٺڳ ھئا، تن کي خبر پئجي
ھڪ سيٺ اولاد لاءِ پريشان آھي، سي تجويز سوچڻ
ھن سيٺ جو مال ڪيئن ڦريون؟ ڏاڙھي مڇون
گيڙو ڪپڙا پائي ساڌن جو روپ ڌاري ھڪ ڏينھن ھن
وٽ آيا. ھن سيٺ ساڌن جو آدر ڪيو. نقلي ساڌن
اسانکي خبر آھي تہ توھان اولاد جي سُک کان وا
آھيو، اَسين اُپاءُ ڪنداسين جيئن توھان اولاد ج
حاصل ٿئي. سيٺ سوچڻ لڳو تہ مان ھنن ماڻھن کي س
بہ ڪونہ، نہ مون ڪين ڪڏھن ڏنو آھي، تہ ھنن کي
ٻڌايو آھي تہ مونکي اولاد ڪونہ آھي، ڪيئن ھنن
منھنجي من جي ڳالھہ جاڻي ورتي اھي: ضرور ھي
شخص ھوندا. سيٺ جي من ۾ اولاد جي تمنا تہ
ھاڻي ھنن ساڌن کي ڏسي ھن ۾ اولاد جي اِڇا وري
ساڌن چيس تہ ”اولاد توھان کي ضرور ٿيندو، اَلبت
چڱو ايندو جو پوڄا وغيرھ ڪرڻي پوندي. سيٺ
خوش پيو ٿئي، چيائين تہ ’اِيشور جو ڏنو جام آھي،
خرچ جو خيال نہ ڪريو، ڀلي پوڄا شروع ڪريو ما

ـه چيائون تہ تون بہ جلدي منتر ناهہ ۽ ڪنڌ تي
ويهہ. هي وري ڪهڙو منتر چوي؟ هن ٻڌو تہ تيون
نمبر ويٺي چوي”ائين ڪيستائين هلندو سُ-وا-ها.“
هاٿي هن جو بہ منتر نهي ويو. هي چوڻ لڳو: ”جيستائين
هلي هلڻ ڏي سُ-وا-ها.“ جيستائين هلي هلڻ ڏي سُ-
وا-ها. جيستائين هلي هلڻ ڏي سُ-وا-ها. هاٿي چارئي
جڻا تڪڙا منتر پڙهڻ لڳا.

انهيءَ جهنگل ۾ چور ڌاڪو لڪل هوندا هئا. اِهو چورن
ڌاڪن جو اَڏو هو.توري وقت ڪانپوءِ پوليس جو جٿو، چورن
جي ڳولها ۾ هن جهنگل مان لنگهي رهيو هو تہ دور ڪان
منترن جو آواز ٻڌائون ۽ جهنگل مان سڳنڌ بہ پئي آئي،
پوليس عجب ۾ پئي تہ هميشه چورن جو پيڇو هن جهنگل
مان ڪندا آهيون، اڄ تہ اَهڙا آواز ۽ سڳنڌيون ڪونہ هونديون
هيون. ويجهو اَچي ڏٺائون تہ چار ماڻهون پوجا ڪري
رهيا آهن. ڌاڪن جو پوليس کي ويجهو ايندو ڏٺو تہ
هنن جي پيٽ ۾ ولوڙا پوڻ لڳا ۽ ڊپ ۾ ڏڪڻ لڳا. ڊپ
کي لڪائڻ لاءِ هيڪاري زور سان منتر پيا پڙهن. پوليس
ويجهو اَچي جڏهين ماڻهن کي گهوري ڏٺو تہ
سڃاتائون تہ هي تہ ذڳ آهن ۽ کين گهربل آهن. پوءِ
تہ کين هٿ ڪڙيون لڳائي پوليس ٿاڻي تي وٺي آيا.
پوليس جڏهين پڇين تہ هيءُ پوجا جو وري ڪهڙو

هئن ته ڪجهه چئي پوءِ سواها چئبو آهي. پر
آهي، اِها خبر ڪانه هئي. جيئن ته نيڪ ماڻهون ڪ
ڪندا آهن ته به پنهنجيءَ ڪاميابيءَ لاءِ اِيشور
پنندا آهن، تيئن خراب ماڻهون به اٿين ڪند
هن نڀَ ڪي منتر ته اَچي ڪونه پيو، چيائين
ڀڳوان، اسانکي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب بنا
وا-ها. هي ڀڳوان، اَسانکي پنهنجي مقصد ۾ ڪ
بناءِ سُ-وا-ها.''

هاٽي ٻيو ماڻهون ڪند تي وينو، هنکي وري منت
ايندو هو، هو سوچڻ لڳو ته ڪهڙو منتر چوان؟ پهرئ
چيس ته مون به مشڪل سان منتر ناهيو آهي، سو
ڪجهه پاڻيهي ناهه. ''ٻئي ماڻهوءَ اهو منتر چيو
هو تو چوي سُ-وا-ها. جيڪو هو تو چوي سُ-وا-ها.
ٽئين ماڻهوءَ کي وهڻ جو اِشارو ڪيائون ۽ چيائونس
به ڪو منتر ناهه. هي چا جاڻي منتر مان. من پيو
سوچي پيو ته هي ڪم اسين سٺو ته ڪونه ڪر
آهيون. هڪ ڏينهن پاڻدو ڦٽندو، نيٺ ته پول پڌرو
پوءِ ته ٻنهي لوڪن ڪان ويندا اسين، نه د
رهنداسين، نه دنيا جا. بس هن جو منتر نه
چوڻ لڳو، ''اٿين ڪيستائين هلندو سُ-وا-ه
ڪيستائين هلندو سوا ها.'' هاٽي چوٿين ماڻه

پناهہ

هڪڙو ٻڪرار هوندو هو، جو صبوح جو روز ٻڪريون وٺي
جهنگل ۾ گاهہ چرائڻ لاءِ ويندو هو ۽ شام ٿيندي ئي ٻڪرين
کي واپس گهرن ۾ پهچائيندو هو. اڳيان ٻڪرار هلندو هو،
پٺيان سڀ ٻڪريون هڪ ٻئي جي پٺيان پيٻون هلنديون
ويون. اُنهن ٻڪرين مان هڪ ٻڪري ڪمزور ۽ هيٺي هوندي
هئي ۽ هڪ ٽنگ کان منڊي بہ هوندي هئي. ويچاري سڀني
کان پوئتان هلندي هئي. هڪ ڏينهن هوئن کان وڏيڪ تڏ
هئڻ جي ڪري ٻڪرار سوچيو تہ اَڄ ٻڪرين کي جلد واپس
وٺي وڃان، متان ٿڌ جي ڪري ٻڪريون مري نہ وڃن.
تنکري تڪڙو تڪڙو ٻڪرين کي هڪليندو ڳوٺ ڏانهن
وٺي آيو. جيڪا ڪمزور ۽ منڊي ٻڪري هئي، سا تڪڙو پنڌ
نہ پئي ڪري سگهي، سڀ ٻڪريون پنهنجن گهرن ۾ پهچي
ويون، پر اِها ڪمزور ۽ منڊي ٻڪري رهجي وئي.

ويچاري پاڻ کي اَڪيلو ۽ بي سهاري سمجهڻ لڳي، ٿڌ
بہ ڏاڍي هئي، ويچاري ڇا ڪري؟ ائين هلندي رهي.
ڪوبہ اُپاءُ ٿڌ کان بچڻ جو ڪونہ پئي سجهيس. اوچتو هڪ
غار ڏنائين ۽ ان ۾ اَندر گهسي ويئي. اتي پاڻ کي ڏاڍو
خوش سمجهائين جو ٿڌ کان بچاءُ ٿيس. ڏاڍو آرام محسوس
ڪرڻ لڳي. اِها غار شينهن جي هئي، شينهن ڏينهن جو
شڪار لاءِ جي جهنگل ۾ نڪتو هو. شام جو جڏهين واپس
اچي رهيو هو تہ هن محسوس ڪيو تہ سندس غار ۾ ڪو
گهسيو آهي. شينهن سوچڻ لڳو تہ ڪير ٿي ٿو سگهي؟ يا تہ

ڊونگ پيا ڪريو، تڏهين چورن سربستي ڳالهہ
ٻڌاين تہ سيٺ کي ڦرڻ ۾ هي سانگ رچيو هئ
سيٺ کي بہ پوليس ٿاڻي تي گهرايو ويو، جڏهين
پيس تہ هي ساڌو نہ پر ڌاڪو آهن، تڏهين ڏاڍي
لڳس تہ مار! دنيا ۾ ايترو دوکو، ايترو دولاب! پ
ٿيڪارڻ لڳو تہ مان ڪهڙي قسم جو اِنسان آهيان جو
جي ڪئي تي راضي نہ رهي اولاد جي آس رکي وينو
هاٺي من ۾ ڦيرو اَچڻ لڳس ۽ اولاد جي اِڇا ڇڏي،
ذات جي وڏيڪ شيوا ڪرڻ لڳو پنهنجو ڌن چڱن ڪ
خرچڻ لڳو. ڏسو سائينءَ جي قدرت، چوندا آهن
جي گهر دير آهي پر اَنڌير نہ آهي. پوري ٻارهين
سيٺ جي گهر ۾ پٽرسنتان پئدا ٿيو. سڀ ڏاڍا خوش
سائينءَ جي نالي تان ٻلهار وڃڻ لڳا. سيٺ جي خوش
تہ اَنت نہ هو. سائين پنهنجن ڀڳتن کي دکي
سگهندو آهي. پر پريکشا ضرور وٺندو آهي، اِنسان ک
رکڻ کپي تہ پيڙا مان ضرور پار ٿينداسين، تڏهين
اَٿن،

اي ڀڳت ڏُکون سي نہ رو - پريو تجهسي دور
ڀڳتون ڪا دکي هونا - داتا ڪو منظوُر

پيٻت

هڪ پيٻت هوندو هو. دربار جي خوب شيوا ڪندو هو.
دربار ۾ شيوار ڪرڻ جا ڪم بہ جام تيندا آهن. صبح شام
گل ٻهارڻ ۽ پاڻيءَ سان ڌئڻ، باغن کي پاڻي ڏيڻ ۽ شام
جي وقت متڪا ۽ گهڙا منجون ٻاهر ڪڍڻ ۽ صبوح جو اُهي
وري سڀ اَندر رکڻ. سنگت لاءِ فراس وڇائڻ وغيره. هي
سڀ ڪم هڪ پيٻت ڏاڍو خوشيءَ سان ڪندو هو. اَجا بہ
ٽائيم ملندو هوس تہ پنڊاري ۾ بہ ڪم ڪندو هو. ڪو
ڪيڏي مهل بہ سڏ ڪريس تہ هو هردم هڪيو تڪيو
حاضر رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سنت پڇندو هوس تہ
”اَبا!، ڪجهہ کپيئي؟“ تہ کيس مُشڪي جواب ڏيندو
هو، ”نہ سائين، مونکي توهان جا چرن مليا تہ جڻ
جهان مليو. مونکي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت نہ
آهي.“

اِن ديس ۾ هڪ راجڪماري رهندي هئي، جنهن اَعلان
ڪرايو هو تہ جيڪو شخص کيس ويهن اَنگن جا مطلب
سمجهائيندو، تنهن سان هوءَ شادي ڪندي. جواب غلط
ڏيڻ جي حالت ۾ اُهو شخص جيل ۾ اُماڻيو ويندو. شهر ۾
اُن طرح جو ڍنڍورو گهمايو هئائون. هن پيٻت بہ اُهو ڍنڍورو
ٻڌو. خبر نہ آهي تہ هن جي ڪيئن دل تي تہ هو بہ ڪوشش

اهو جانور هوندو، جنهن کي منهنجيءَ طاقت جو
هوندو يا ته جيڪو ڪمزور هوندو سو پاڻ کي تن
جانورن جي شڪار کان بچڻ لاءِ اَندر غار ۾ ويو
شينهن جڏهين غار جي ويجهو پهتو ۽ منهن وجه
ڏنائين، ته هڪ ٻڪري نماڻا نيڻ ڪڍي آرام س
ويٺي هئي، جڻ ڪ اِلتجا ڪري رهي هجي
تنهنجي شرن ۾ آئي آهيان، هاڻي جيڪا تنهنجي
شينهن جهڙي جهنگلي جانور کي هن تي
وئي، ٻڪريءَ کي چيائين ته ”تون ڏڄ نه، تون ٻيف
آرام ڪر، مان غار جي ٻاهران ويهي تنهنجي
ڪندس.“ شينهن غار جي ٻاهران ئي سمهي پيو
تيو، شينهن به اُٿيو، ٻڪري به اُٿي. ٻڪريءَ کي
”تون منهنجي ڏيءَ آهين، تون ڪوبه خيال نه
مان توکي سارو جهنگل گهمائيندس.“ شينهن پاڻ ه
جو راجا تنهن ڪري هاٿيءَ کي حڪم ڪيائين ته
کي پنيءَ تي چاڙهي، سڄو جهنگل گهماءِ. ٻڪري
ڏيءُ آهي. اها ٻڪري هاٿيءَ تي چڙهي سڄو جهنگ
لڳي. هاڻي توهان سوچيو ته هيڙيءَ جهنگلي خوفنا
جي شرن ۾ وڃڻ سان ٻڪريءَ کي پناهه ملي، ته
ستگرو جو شاهن جو شاهه آهي، جي اَسين به ان جي
شرن وئنداسين ته اَسانکي پناهه نه ملندي؟ اوس
اسان جو ستگرو ته پرم ديالو، ڪرپانڌان ۽ ڪرونا جو س
اَسانکي رڳو من ۾ شرڌا، پريم ۽ سچي ڀاونا رکڻ گه
گرو اسان جي ضرور رکشا ڪندو ۽ هن ڀَوَ ساگر مان پار

محل جي پٺ به ڏسڻ لاءِ ڪانه ٿي ملي، اِنهيءَ بهاني من
محل ته ڏسي سگهبو. پڳت کي چيائين ته ”مان به توسان
گڏ تو هلان“. پڳت چيو ته پاڻ سنو: ”هڪ کان ٻه
ينداسين.“

اَڃا تورو اَڳتي مس هليا ته وري هڪ مهاڻو گڏين،
جنهن به سوال ڪين ته ايترو جلد ڪيڏانهن وڃي رهيا
آهيو. ڪانئس به پڇيائون: ”تو راجڪماريءَ جو ڍنڍورو
ڪونه ٻڌو آهي؟“ مهاڻي به دل ۾ ويچار ڪيو، اُنهيءَ بهاني
محل جو درشن ته ڪبو، سو پاڻ به هنن سان هلڻ لڳو.

ٽيئي ڄڻا اَچي راجڪماريءَ جي شهر ۾ پهتا. جڏهين
محل جي دروازي تي پهتا، ته هيترا سادا ماڻهون ڏسي،
دربان ڪين اندر ئي اچڻ نه پيو ڏئي. پڳت چيو ”اَسين
راجڪماريءَ جي سوالن جا جواب ڏيڻ آيا آهيون.“ دربان
اندر ويو ۽ راجڪماريءَ کي چيائين ته ”ٽي ماڻهون جيڪي
آلائي ڪيئن ٿا لڳن، توهان سان ملڻ ٿا چاهين.“
راجڪماريءَ غصي مان پڇيس، ”ڪيئن ٿا لڳن، تنهن جو
مطلب ڇا؟ منهنجو اِهو شرط نه آهي، منهنجو ته اِهو شرط
آهي ته جيڪو صحيح جواب ڏيندو، اِن سان شادي
ڪنديس.“ حڪم ڪيائين ته جلدي انهن کي اندر موڪليو.
ٽيئي ماڻهون اَندر آيا. راجمڪاريءَ چين : ”چاهيو ته
توهان به مون کان سوال پڇي سگهو ٿا. پر توهان کان پڇيل

ڪري، هڪ ڏينهن شام جي وقت جيئن ڳروءَ
دٻائي رهيو هو تہ ڳروءَ کي چيائين، ”سائين توهـ
ٻڌو آهي تہ راجڪماري ان سان شادي ڪندي جيـ
ڪان ويهن انگن جو مطلب سمجهائيندو.“ ڳرو
”تنهنجي بہ دل تي آهي ڇا؟ اڳي چوندو هئين تـ
نہ کپي، پر هاڻي لڳي ٿو تہ ڪجھ ڪجھ کپيئي.“ پڳت
مشڪل لڳو. وري سنت چيس: ”اها تہ خبر اٿئي
ويهن سوالن جا جواب بہ ڏيڻ بوندءِ. خبر نہ آهي تـ
ويدن، شاسترن ۽ سنسڪرت مان تي سوال پڇي.
جواب نہ ڏيڻ جي حالت ۾ اڳيئي ڪيترا راجڪ
جون هوائون کائي رهيا آهن. تنهن تي پڳت پڇ
”سائين، توهان مون سان گڏ هلندا؟“ سنت مشڪ
تہ ”راجڪماري تہ توکي کپي، اسانکي ٿوروئي ک
تون پلي وڃ محل ۾، اسين هميشه توسان گڏ ئي آ
پڳت ائين سنت کان آشيرواد ورتي.

پڳت صبوح جو سويل اُتي محل ڏانهن هلڻ لڳو
۾ هڪ ڌوٻي گڏيس، جنهن پڇيس تہ ”ادا، ڪ
ايڏو جلدي ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟“ پڳت
ڏنس: ”تو ٻڌو ڪونہ ٻڌو آهي تہ جيڪو هڪ ڪا
انگن تائين هرهڪ انگ جو مطلب سمجهائيندو،
راجڪماري شادي ڪندي.“ ڌوٻيءَ سوچيو تہ هـ

٦. ٻار جي ڇني تئي ڇهين ڏينهن.
٧. هفتي جا ڏينهن ست.
٨. اَشٽمي.
٩. نومي.
١٠. راوڻ جون ڏهه سِسيون.
١١. يارهينءَ وارو پير.
١٢. سال جا مهنا ٻارهن.
١٣. تيرهن تال زالن جا.
١٤. چوڏهن رتن، جيڪي دئتن ۽ ديوتائن جي لڙائيءَ ۾ نڪتا هئا.
١٥. شراڌ پنڌرهن.
١٦. سورهن سينگار.
١٧. تون.
١٨. مان.
١٩. مڱڻو.
٢٠. وهانوَ (شادي).

راجڪماري جواب ٻُڌي ڏاڍو خوش ٿي ۽ من ئي من ۾ کيس پنهنجو پتي مڃڻ لڳي. راجمڪاريءَ چيو، ”مان ڏاڍو خوش ٿي آهيان، جو تو صحيح جواب ڏنا آهن. مونکي ٻه اُهو ور کپندو جيڪو سنسار کي پوريءَ طرح جاڻي ۽ سمجهي سگهي. هاڻي توکي ٻه ڪي سوال پڇڻا هجن ته

سوال جا جواب صحيح جواب نہ ملڻ جي حالت
ڪي جيل ۾ اُماڻيو ويندو. راجڪماريءَ پڇڻ: ''
ويھن اَنگن جا مطلب سمجھايو.'' ڌوبي ۽ مهاڻي
ڏيئي سگھيا. هاڻي راجڪماريءَ چيو تہ، ''توهه
ڪان سوال پڇو. جي مون صحيح جواب ڏنا تہ تو
جيل ۾ وڃڻو پوندو.'' پهرين ڌوبيءَ سوال ڪيو
سٽڪ - سوُن، ٻڌايو تہ مان ڪير؟'' راجڪماري
ڏنو، ''ڌوبي آهين تون، سڄو ڏينهن پيو ڪپڙا
حڪم ڪيائين تہ وجهوس جيل ۾. هاڻي مهاڻي س
''ڦٽڪ ڦٽڪ - ڦوُن، ٻڌايو تہ مان ڪير؟'' راج
جواب ڏنو، ''مهاڻو آهين تون، سڄو ڏينهن پيو م
ڦٽڪائين.'' حڪم ڪيائين تہ اُماڻيوس جيل ۾.
يڳت جو وارو. اَندر ۾ ڏاڍو پيو ڊڄي؛ پر سڄو وق
گروءَ جو ڌيان هئس. راجڪماريءَ پيار سان چيس
ڪان ويھن اَنگن تائين جواب ڏي.'' يڳت هينئ
جواب ڏنا.

١. يڳوان آهي هڪ.

٢. سج ۽ چنڊ ٻہ.

٣. پاتال لوڪ، پرٿوي لوڪ ۽ آڪاش لوڪ ٽي

٤. چار دشائون.

٥. پنج پانڊو.

ديا

هڪڙو شخص هوندو هو. هو ڪوئي ڪم ڪار ئي ڪونه ڪندو هو. شادي شده هو. زال ۽ ٻه پٽ هئس. سندس زال ڪجهه ڪرت ڪري جيئن تيئن گهر جي خرچ جو پورائو ڪندي هئي؛ پر اِهو به ڪيستائين؟ آخر هڪ ڏينهن پنهنجي پتيءَ کي چيائين، ”توهان کان ڪو ڪم ڪار ته پڄي ڪونه ٿو، اِن کان ته ڇو ڪين ٿا وڃي ڪنهن دربار ۾ سنتن جي شيوا ڪريو، ٻيو نه ته گروءَ جي شيوا جو ڦل ته ملندو، باقي اَسان جو ٻنهه خيال نه ڪجو. مان پاڻ محنت ڪنديس ۽ منهنجا مائٽ به مونکي مدد ڪندا، توهين نشچنت ٿي وڃي دربار جي شيوا ڪريو.

اِهو شخص به هليو دربار ۾ سنتن جي شيوا ڪرڻ. دربار جو هرڪو ڪم هو دل لڳائي ڪندو هو. ڪڏهين به ڪم لاءِ سڏ ڪريس ته هڪدم حاضر، نه هئس دل ۾ ڪا تمنا نه ڪامنا. پنهنجي شيوا جي ڦل جي ڪا اِڇا ئي ڪانه هئس. سنت جاڻي جاڻٺهار، صحيح ڪري ويا ته هيءُ شخص ڪنهن سوارٿ بنا ئي شيوا ڪري رهيو آهي. هڪ ڏينهن پاڻ وٽ ڪوٺي چيائونس، ”اَبا، هاڻي گهر وڃي پنهنجن ٻارن ٻچن سان گهار.“ هن به وراڻيو، ”سائين، جو توهان جو حڪم.“ سنتن وري پڇيس، ”ڪجهه کپئي؟“ ته به هن وراڻيو: ”مالڪ توهان جي ديا گهرجي.“ سنتن وري سؤ رپيا ڏنس، ته به يڪ وراڻيو، ”سائين مونکي صرف ديا گهرجي.“

پلي پئي.“
پڳت چيو تہ ٢ ۽ ٣ جا جواب ڏيو. راجڪمار
مشڪي، دل ۾ پئي چوي تہ هڪ ڪان ويهن انگن
پاڻ جواب ڏنا اَٿس، هاڻ مان ٢ ۽ ٣ جا ڪه
ڏيانس؟ سوچيائين تہ مونکي تہ سمجهہ ۾ نہ
تون ئي ڪري ٻڌاءِ.
٢. پڳت چيو تہ جيڪڏهين ايشور راضي تيندو
ٻنهي جي شادي ٿيندي. مطلب تہ ٢ ٿينداسين.
٣. جيڪڏهين ايشور راضي نہ آهي تہ ٻہ منهن
تہ اَڳيئي جيل ۾ آهن، ٿيون مان ٻہ وڃي اُن
گڏبس، مطلب تہ ٽي ٿينداسين.
راجڪماريءَ جواب ٻُڌي خوش ٿي. جلد ٻنهي
ڏوم سان شادي ٿي. راجڪماريءَ سوچيو تہ مونکي
ملي ويو، هاڻي جيل ۾ ڏوبيءَ ۽ مهاڻي کي رکڻ ما
فائدو؟ سو سپني کي آزاد ڪيائين. اِن ڪانپو
راجڪماريءَ کي چيو، ”جنهن جي ڪرپا سان اَسا
جو ملڻ ٿيو آهي، هاڻي هل تہ انهن سنتن جي چر
جهڪائي آشيرواد وٺون.“
راجڪماري جلد تيار ٿي وئي، ٻنهي اَچي
چرنن ۾ سر جهڪايو، سنت ٻہ ٻنهي کي ڏسي ڏ
ٿيو ۽ کين آشيرواد ڏني.

ـہ ماڻ بارن کان يڪدم پڇيو، ”سامان ڪٿي اَٿس؟“
بڌايس تہ سامان تہ ڪونہ اَٿس.
ت جڏهين سنان جاءِ مان ٻاهر نڪتو تہ پٽي پٽني
ٽي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. پڳت ٻڌايس تہ سنت
لاءِ زيتون ڏنا آهن، جي تون رومال کولي ٻارن کي
رومال کوليندي ٻنهي جون واڇون ٻي تال ٿي ويون،
رومال سڄو لعلن سان ڀريل هو. ٻئي ڏاڍو خوش ٿيا.
سمجهي ويو تہ اِهائي سنت جي ديا آهي، اِن مان
جي لاءِ نئون گهر ورتائون، ٻارن لاءِ دڪان ورتائون،
هوندي بہ اڃا لعل بچي پين. هاڻي سنت جي آسيس
قت سنو پئي گذاريائون.
ور کي هڪ ڏينهن خيال آيو تہ اِن پڳت جو حال تہ
پڇان، هو اَچي پڳت جي گهر پهتو تہ سندس گهر
وائڙو ٿي ويو. شڪ پيس تہ پڳت ڪانئس ديا ڪٿي
ب رکي هئي، پر جڏهين پڳت سڄي ڳالهہ ٻڌايس تہ
ـہ سوچيو، ”چوريءَ جو ڏنڊو ڪو سنو تہ آهي ڪونہ،
ان بہ وڃي سنت جي شيوا ڪريان.“
ور پوءِ سنت جي شيوا ڪرڻ لاءِ سندس دربار ۾ پهچي
يوا ڏاڍي دل لڳائي پيو ڪري. سنت بہ سڀ ڪجھ
ورتو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ چيائين، ”اَبا هاڻي تون
جي ڳوٺ وڃي پنهنجي ڪرت ڪار ڪر. هت ڪهڙو
رهندين؟“ سنت چور کي سؤ رپيا آڇيا تہ هن اِن جي

اِن ويل هڪ چور چوري ڪرڻ لاءِ اِتي پهتو هو ۽
جي ٻاهران ڪن لڳائي پئي ٻڌائين تہ سنت جڏهين
کي سؤ رپيا تي ڏنا تہ هو ور ور ڪير پيو ديا ڳهري.
جو مطلب تہ ديا سؤ رپين ڪان متي آهي. آخر ۾ سنت
”چڱو اَبا، جيڪا تنهنجي مرضي.“ سنت پاڻ اِن
کي دربار جي ٻنيي تائين ڇڏڻ آيو، پر دربار جي
جيڪي زيتونن جا وڻ هئا، انهن مان ڪجهہ زيتون
پڳت کي ڏنائين تہ ٻارن لاءِ کڻي وڃ، جي هن پنهنجي
۾ کڻي ٻڌا ۽ سنت کي پيري پئي ڳوٺ ڏانهن راهي ٿ
جهنگل جي وچ رستي تي اِهو چور اَچي گڏي
چيائينس، ”سنت ڪان تون ديا پيو ڳهرين. اُها م
ڏي، جيڪا تو سنت جي سؤ رپين جي آڇ ڪان بہ وڌيڪ
سمجهيئہ.“ پڳت پيو دل ۾ خيال ڪري تہ مان هن چو
ديا ڪيئن ڏيان. چور سندس ساري سرير جي تلاشي ورتي
ديا تہ ڪٿي بہ نظر ڪانہ آيس. سمجهيائين تہ شايد رو
ٻڌل هوندي ۽ رومال کولي ڏنائين تہ اِن ۾ زيتون ٻڌل
تنهن هوندي بہ شڪ هئس تہ هن ديا کي ڪٿي لڪايو
اِن ڪري ڳهر جو پتو پڇائينس ۽ پوءِ ڇڏيائينس.

پڳت جڏهين ڳهر پهتو تہ ٻارن بابا، بابا ڪري
ورايس، پڇڻ تي ٻارن ٻڌايس تہ اَمان پاسي واري ڳ
وئي آهي. تيسين پڳت سنان ڪرڻ هليو ويو، تنهن
جڏهين ٻارن جي ماءُ ڳهر موٽي تہ ٻارن ٻڌايس تہ با

ح ساڻ راجمحل مان رات جو تيل چوريءَ جي ڳالهہ
پکڙجي وئي. وزير سوچيو تہ سيٺي کي خبر پئجي
ي تہ راجمحل مان چوري ٿي آهي تہ پوءِ چونہ اِن
و فائدو وٺجي. خزاني ۾ باقي رهيل گينين جون ٩
ن هو پنهنجي گهر کڻي آيو. راجا وزير کي حڪم
ڏسو تہ ڪيترو مال چوري ٿيو آهي؟ وزير جواب
سائين ١١ ٿيلهيون گينين جون چوري ٿي ويون
راجا سوچيو تہ اسان ٻنهي تہ صرف ٻہ ٿيلهيون
جون چوري ڪيون تہ پوءِ باقي ٩ ٿيلهيون ڪيڏانهن
راجا سوال ڪيو تہ چوريءَ جي خبر پهرين ڪنهن
؟ وزير وراڻيو، ”حضور جيئن مان راجمحل اچي
س تہ ڏٺم خزاني جو پٺيون دروازو کليو پيو آهي.“
يڪدم درٻار جي سخت پهريدار کي وزير جي گهر
شي وٺڻ لاءِ موڪليو، جتان کين گينين جون ٩
مليون. راجا کي ڏاڍو ڏک ٿيو، سوچيائين بي
زير تي مون ڀروسو رکيو، خبر نہ آهي تہ هن کان
گهڻيون گهوٻيون هنيون هونديون. اِن کان تہ اِهو
و، جنهن سچ تہ ڳالهايو تہ مان چور آهيان.
پوءِ راڄ درٻارين معرفت اُن چور کي ڳولهي محل ۾
کيس وزير جو پد سنڀالڻ جو آديش ڏنائين ۽ ٺڳ وزير
واهہ ديش نيڪالي ڏياري ڇڏيائين. چور ڏاڍو خوش
جهہ ۾ آيس تہ سنتن جي ديا ڇا ٿيندي آهي. □

بدران ديا جي گهر ڪئي. تڏهين سنت چيس، ”هڪ
تي توکي ديا ڏيندس تہ ڪڏهين ڪوڙ نہ ڳالهائج.“
اِنجام ڪيو تہ هميشهہ سچ ڳالهائيندس ۽ پوءِ چور
کان موڪلائي، دربار جي چائنٺ کان ٻاهر نڪتو. رس
خيال پيو ڪري تہ سنت تہ مونکي زيتون بہ ڪونہ ڏنا.
چا ڪجي؟ ٻيو ڪم ڪار تہ اَچي ڪونہ، پوءِ چو ڪون
چوريءَ جو ڌنڌو ئي شروع ڪجي.

اَهڙو خيال ڪري چور چوريءَ جي خيال کان نڪري
شهر ۾. چو ڪين تہ اُتي جو راجا روز رات جو چمڙا
ڪري شهر جي نگهہ ڪرڻ لاءِ نڪرندو هو ۽ جڏهين چو
ڏنائي تہ هڪل ڪري پڇيائينس، ” ڪير آهي؟ هن
گهر کان ٻاهر چو نڪتو آهين؟“ هاڻي چور کي ان
موجب سچ ڳالهاڻو هو، جنهن ڪري موت ۾ چور
”مان چور آهيان ۽ چوري ڪرڻ لاءِ نڪتو آهيان. پر
ڪير آهين.“ هن چمڙا پوش، راجا اُتر ڏنس، ”م
چور آهيان.“ چور چيو: ”پوءِ گڏجي تا چوري ڪريون
تنهنجو، اَڌ منهنجو، مان هن شهر ۾ نئون آهيان،
ٻڌاءِ تہ مال ڪٿان ملندو؟“ راجا سڌو پنهنجي خزان
وٺي ويس، جتي گينين جون ١١ ٿيلهيون رکيل هيون.
چيس تہ ”هڪ ٿيلهي تون کڻ، هڪ مان ٿو کڻان. اَ
اِهو ڪافي آهي.“ راجا ٿيلهي کڻي پنهنجي محل ۾
چور بہ ٿيلهي کڻ پنهنجي گهر ويو.

حوال ٻڌائين. تنهنجا ڀڏا مائٽ تو لاءِ اَکيون وڇائي
آهن.'' ڇوڪري مائٽن کي ڇني لکي. مائٽن کي ڇني
۽ اَچڻ جو اَحوال پڙهي خوشيءَ جا ڳوڙها ڳارڻ لڳا.
ڪرو آيو اِنڊيا ۾ پهرين مائٽن وٽ. ماءُ پيءُ کي ڏسي
خوش ٿيا ۽ ٻلهار وڃڻ لڳا اَهڙي سنت تان جنهن
وڇڙيل پُٽ ملايو. مائٽ بہ سنت سان ملڻ لاءِ دربار ۾
پيا چاهين، پر جيستائين سندن ٽڪيٽ وغيرہ جو
ٽائين بندوبست ٿئي، ڇوڪرو دربار ۾ پهچي ويو ۽
جي چرنن ۾ وڃي سر جهڪايائين.
دربار ۾ سڀ ڪم شيواڌاري پاڻ ڪندا آهن، ڪو ٻهاري
پائي، ڪو پاڻي پيو ڀري، ڪو رسوئي پيو ڪري، ڪو
کي پاڻي پيو ڏئي، هن ڇوڪري بہ سنتن جي چرنن
هي، سنت کي چيو، ''منهنجي لاءِ ڪا شيوا ٻڌايو.''
ڪجهہ وقت هن جي منهن ۾ نهارڻ لڳو، پوءِ
ونس ''تون سنان جاءِ ۽ پائخانا صاف ڪر.'' ڇوڪرو
جو حڪم اَکين تي رکي اِهو ڪم ڪرڻ لڳو. من ۾
شنڪا ڪانہ هئس. پوريءَ طرح پنهنجو من سائينءَ
چرنن ۾ اَرپڻ ڪري ڇڏيو هئائين.
ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ڇوڪري جا مائٽ آيا ۽ اَچي سنت
مليا. ڏاڍو پيا رئن، خوشيءَ جا ڳوڙها پيا ڳارين، جو
ن سالن ڪانپوءِ پٽ سان مڪا ميلو ٿيو هون. سنت کين

جنم جنم جا ڪشٽ ڪٽيندا آهن سن

هڪ سهڻو سنو ڏسڻو وائسڻو نوجوان فارين ۾ ڏهن ٻ
سالن کان رهندو هو. ڪم ڪار اتي ئي هوس. ڏهن ٻ
سالن ۾ ڪڏهين اِنڊيا ۾ ڪونہ آيو هو. هڪ ڏينهن
دوست چيو: ”اِنڊيا مان سنت آيل آهن، تون دربار ۾ هل
درشن ڪرڻ لاءِ ۽ وچن ٻڌڻ لاءِ؟“ اِنڊيا جو نالو ٻڌي چوڪ
جو من ٿيو. ويچارن ۾ اُٿل پُٿل چالو ٿي ويس، دوست
چيائين تہ ضرور هلندس دربار ۾.“ اُهو چوڪرو پ
ڏينهن آيو، سنت جا درشن بہ ڪيائين ۽ وچن بہ ڌيان
ٻڌڻ لڳو، ڏاڍو آنند آيس. ٽي چار ڏينهن دربار ۾ ل
ويو. سنت جي بہ مٿس نظر پئي، سوچيائين چوڪر
ڏاڍو سنو ٿو لڳي، سو حال احوال ورتائينس : ”هت ڪي
وقت کان آهين؟ اِنڊيا ۾ تنهنجا ڪير ڪير آه
ڳالهائڻ مان سنت معلوم ڪري ورتو تہ چوڪرو مائٽن
رُٺل آهي، اِنڪري اِنڊيا ۾ ويو بہ ڪون آهي ۽ نہ وري
مائٽن کي چٺي چپاٺي لکي اَٿس.

سنت پڇيس : ”اِنڊيا ۾ هلندي؟ اُتي هلي اَسان
دربار تہ ڏس.“ چوڪري جي من ۾ هاڻي ڦيرو اَچي
هو، تنهن جواب ڏنو تہ ها سائين، هلندس. پر سنت چ
”پهرين تون پنهنجن مائٽن کي خط لک ۽ پنهنجي

ستسنگ ۾ حاضري

ڪ مائي هوندي هئي، جنهن جو نيم هوندو هو تہ هوءَ
صبوح جو اُٿي ستسنگ ۾ ويندي هئي ۽ پوءِ اَچي گهر
جو ڪم ڪار ڪندي هئي. پر مائيءَ جو گهوٽ ستسنگ ۾
ويندو هو. روز پيئي گهوٽ کي چوندي هئي ”تون بہ
ستسنگ ۾ هل ۽ سنتن جا درشن ڪر.“ گهوٽ جواب ڏيندو
تہ ”مان تو وانگر واندو ڪونہ آهيان. سڄو ڏينهن هڻ
ي ڪرٽي پوي ڏنڌي لاءِ، محنت کانسواءِ پئسو ڪونہ
ي“، پر تہ بہ هيءَ گهوٽ کي ستسنگ ۾ هلڻ لاءِ زور
ي هئي، ائين بہ چوندي هئي ”مان جو روز وڃان
وءِ اَچي ڪم ڪار ڪونہ ٿي ڪريان ڇا؟ توکي ناشتو
ڪونہ ٿي ڏيان؟ ڪڏهين ناشتي کانسواءِ ڌنڌي تي
آهين ڇا؟“

ر گهٽي ڇوڻ کانپوءِ گهوٽ سوچيو تہ هوءَ منهنجي
ڳالهہ مڃيندي آهي، مان بہ ڪٿي هن جي ڳالهہ
. هڪ ڏينهن زال کي چيائين تہ چڱو مان بہ اڄ
ڪ ۾ هلندس. زال ڏاڍو خوش ٿي. گهوٽ چيو تہ
تو هڪ شرط آهي، زال پڇيو تہ شرط وري ڪهڙو آهي؟
جواب ڏنو مونکي ائين نہ وڻندو تہ گهر گهوڙن کي،
رن کي ڏئي، مان ستسنگ ۾ ويندس، تون گهر ۾
ٻارن کي سنڀال. زال ٺورو منجهي، پر چيائين تہ

آتت ڏنو، پر جڏهين ڏنائون تہ سندن پٽ غسل خان
پائخانا وينو صاف ڪري تہ ڏاڍو دکي ٿيا. سنت جي اَڳي
شنڪا اُٿاريائون : ”سائين، توهان اَسانجي پرديس مان آ
پٽ ڪان ڪم کهڙو ٿا وٺو؟“ تنهن تي سنت فرمايو
”مون توهان جي پٽ کي چتائي ڏسڻ مان معلوم ڪر
ورتو آهي تہ هو ٻئي جنم ۾ ڀنگيءَ جي گهر ۾ جنم وٺند
هاڻي توهان پاڻ ٻڌايو تہ ڀنگيءَ جي گهر ۾ جنم وٺي، اُت
هي ڇا ڪندو؟ کهڙو ڪم ڪندو؟ اِهوئي ڪم ڪرڻو پوند
نہ؟ ڇوڪري جو ڪم ڪار تہ فارين ۾ آهي، هت گهڻو وق
رهندو؟ نيٺ تہ فارين موٽي ويندو. اَسين تہ هيڪاري سند
ٻئي جنم جو ڪشٽ ٿوري ۾ ڪٽي رهيا آهيون.“ مائٽ
کي سنتوش ٿيو. ڇوڪرو بہ ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ فار
هليو ويو. من ۾ پريم ڀاءُ ءِ صدق رکي سنتن جي شرن
وڃبو تہ سنت جنم جا ڪشٽ ڪٽي ٿا ڇڏين. رڳو اَسان ج
من ۾ سچي شرڌا هجي.

ڪجهہ بہ اِنسان جي وس ۾ ناهي ڪرمن جا حساب ڪتاب هوندا آهن، ڪڏهن ٿا ڪرم پلٽو کائين، خبر ئي ڪانہ ٿي پوي. - ڪانتا - ’اَننت‘

سندس دل پسند ناشتو هو، گهوٽ کي چيائين:
شتو بہ ڪاٺ ۽ مونکي ستسنگ بہ ٻڌاءِ، جيڪو تون ٻُڌي
هين. چوجو ستسنگ جا وچن ٻڌڻ سان منهنجي من
انتي ايندي آهي. ڏينهن سنو گذرندو آهي.'' هاڻي
ت چا ٻڌائي؟ هن لاءِ تہ مڙيئي دٻي ۾ نڪريون، چوجو
تہ ننڍون پئي ڪيائين. پر زال کي ائين ٻڌائيندو تہ
اراض ٿيندي، سو غصي مان چوڻ لڳو تہ ''هينئر تہ
اڳي ئي ڏنڊي کي دير ٿي وئي آهي.'' سو تڪڙو
ي ويو.

ري رات جو جڏهين موٽيو تہ زال اَڳ ئي ماني ناهي
هئي. ماني ۽ جي ٿالهي پائي اڳيان رکيائينس ۽
ينس: ''ماني بہ ڪاٺ ۽ مونکي وچن بہ ٻڌاءِ، مان بہ
تہ سنت اَڄ ڪهڙي ڳالهہ ٻڌائي''. هاڻي هو ڪهڙي
ٻڌائي؟ 'ستسنگ ۾ جهوٽا پئي کاڌم'، اِهو ٻڌائڻ
همت نہ ٿي ٿيس. آخر جڏهين ڪم ڪار لاهي سمهيا
 وري وينتي ڪيس تہ هاڻي تہ سمهندي سمهندي
ٻڌايوم. گهوٽ سوچيو تہ سچو ڏينهن جان ڪاڏي اَٿس.
ڻ ڪانسواءِ جند ڪانہ ڇڏيندي، آرام حرام ڪري
دي. سو ٻڌائڻ شروع ڪيائين. چيائين، ''جيئن سپ
وياسين تہ سنت چيو تہ ''اَبا، اَچي ويا؟'' چو ڪين
ت چور چوري ڪرڻ جي اِرادي سان سنت جي ڪڏ تي
ا ۽ منگهہ جي اوٽ ۾ ويهي رهيا هئا. چورن جو اِهو

ائين ئي سهين، پر هو ستسنگ ۾ وڃڻ نہ سکي. زال
” منهنجو بہ شرط آهي تہ جيڪو تون ٻڌي اَچين
مونکي اَچي ٻڌائج، چاڪاڻ تہ ستسنگ مان جيڪا خ
ملندي آهي تہ اِن مان منهنجو سڄو ڏينهن سٺو گذ
آهي. سو تون ستسنگ جو ڪٿڪو مونکي بہ ڏج.“ گ
هامي ڀري.

هڪ ڏينهن گهوٽ سويل اُٿيو، سنان پاڻي ڪري
ستسنگ ۾. ٻين ستسنگين بہ ڏٺو تہ اَڄ هڪ نئون پر
آيو آهي. اِن دربار جو سنت نابين هو، مطلب تہ سور
هو، پر پنهنجي انڀوَ شڪتيءَ سان محسوس ڪندو ه
سنگت اَچي وئي آهي ۽ هاڻي سڀ ويٺا آهن ۽ هاڻي
وڃن ٿا. سو جيئن سنگت آئي تہ سنت چيو ”اَبا! اَچي
وري ويٺا تہ چيائين : ”اَبا، سڀ ويهجي ويا!“ سنت ه
وچن ٻڌائڻ شروع ڪيا. هي نئون پريمي جو ستسنگ
اچڻ لاءِ جلدي اُٿيو هو ۽ سنان پاڻي ڪري آيو هو، ت
کي وهڻ شرط ننڊ اَچڻ لڳي، سنت ٻاڻي ٻڌائي پيو پر
ويٺو جهوٽا کائي. هن تہ ڪجهہ ٻڌوئي ڪونہ. ستسنگ پ
ٿيڻ کانپوءِ پرساد وراهيائون تہ آواز تي هو جهٽڪو ڏ
اُٿيو. سڀ ماڻهون وڃڻ لڳا تہ سنت چيو ”اَبا، هاڻي
ٿا! سنگت جواب ڏنو : ”ها سائين.“

گهوٽ گهر پهتو تہ زال اَچي اَڳيان ناشتو رکيس،
هونئن کان سٺو ناشتو ناهيو هئائين، دال جا پرانا، ڏه

سنتوشي ٻُڍي

ڪ ٻڍي هوندي هئي، هميشهہ سنتوش ۾ رهندي
’جيئن ڪري، جيڪو ڪري منهنجو سائين، سڀ
واهہ‘، سائينءَ جي رضا تي هردم راضي رهندي
’ٻڍاپي ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري گهٽو ٽٽو ڪٽ تي
هندي هئي. ننهٽس ماني آٽي ڏيندي هئس تہ پهرين
ن اَڌ روٽي سائينءَ جي نالي تي ڪتي کي ڏيندي
پوءِ وَرائي ديوتا کي هٿ جوڙي، پاڻ کائيندي هئي،
ميشهہ جو نيم هوندو هوس.
ڪ دفعو هن ٻڍي مائيءَ جو پٽ ڏنڌي جي ڪم سان
ہ ڏينهن لاءِ ٻاهر ويو. ننهٽس سوچيو تہ بہ ڦلڪا سس
يان تي تہ هڪ ڦلڪو تہ يڪدم ڪتي کي تي ڏئي
لڳي تو تہ کيس ايڏي بک ڪانہ تي لڳي، سو ٿالهيءَ
ڪ ڦلڪو وجهي ڏنائينس، اِن مان بہ ٻڍي مائيءَ اَڌ
کي ڏنو ۽ اَڌ ڦلڪو پاڻ کاڌائين. ننهٽس جو ڏنو تہ اَڌ
ڪتي کي ڏنائي، سو دل ۾ پئي چوي تہ ايڏي بک
اَتس، چوي بہ نہ تي تہ مونکي رڳو اَڌ ڦلڪو ڏي.
ٿالهيءَ ۾ رڳو اَڌ ڦلڪو ۽ ڀاڄي ڏنائينس، پر هن
اِن مان بہ اَڌ سائينءَ جي نالي ڪڍي ڪتي کي ڏنو
پاڻ کاڌائين؛ تڏهن بہ ڪجهہ چيائين ڪانہ. ننهن
اڍو عجب لڳو، چوي پئي شايد ٻڍاپي جي ڪري

آواز ٻڌو تہ ’اَبا اَچي ويا‘، تہ عجب کائڻ لڳا تہ هن شھ
ماڻھون ڪيڏا نہ هوشيار ۽ سُجاڳ آهن، جو هنن کي
جي اچڻ جي خبر پئجي ويئي آهي، سو منگھہ جي پر
لڪي ويھي رهيا. گھوٽ ٻڌايو تہ سنت وري پڇيو
سڀ ويھي رهيا؟‘ چور ڏڄڻ لڳا تہ هننکي ڪيئن خبر
تہ اَسين هاڻي ويھي رهيا آهيون. سوچيائون تہ هاڻي پ
جان بچايون، سو هڪ ٻئي جا ڪُڌ ٿپڻ لڳا، تہ وري گھ
ٻڌايو تہ سڀ ٻاهر نڪرڻ لڳاسين تہ سنت چيو ’اَبا، ه
وڃو ٿا‘. وري اِهي اکر ٻُڌي جان بچائڻ لاءِ چور جلدي
ٽُپي ڀڄي ويا. ٻين ماڻھن بہ ڪين ڀڄندو ڏٺو ۽ اِهو بہ جاچي
تہ هن ئي پريميءَ جي ڪڏ تان چور بہ ڀڄڻ لڳا هئا.

صبوح جو سيني کي خبر پئجي ويئي تہ چور ڪ
ڀڄي ويا، اِها بہ جاڻ پين تہ گھوٽ اُها سربستي ڳالھ
کي ڪري ٻڌائي تہ ”ٻاٽيءَ مھل تہ مونکي ننڊ اَچي
هئي، رڳو هي ٽي جملا ٻڌا هئم.“ اِهي جملا بہ ڪيڏ
ڪمائتا ثابت ٿيا. رڳو هڪ دفعو ستسنگ ۾ حاضري
سان گھر لتجڻ کان بچي ويو. روز نت نيم سان جي
ستسنگ ۾ وڃون ۽ پريم سان شيوا سمرن، ستسنگ، ڏ
پوڄا پڄن ۽ آرتي ڪريون ۽ سنتن جا وچن ۽ حڪم
سمجھي پاليون تہ جيڪر جنم مرڻ جي چڪر کان ج
پئون. اِهو سوچي هاڻي اُهو پريمي بہ نت نيم سان ستس
۾ وڃڻ لڳو ۽ پنھنجو جيون سڦلو ڪيائين.

گهوت کي چيائين تہ چئيوَ تي تہ ’مونکي اُتي ڇڏي
جتي نہ هڪ جڻو هجي ۽ نہ ٻہ جڻا هجن.‘ پُٽ چيو:
ن ڪيئن ٿيندو؟ اَمان اَهڙي ڪمزور آهي جو ڳالهائي
ي سگهي، سو اَهڙي هنڌ ڪيئن ڇڏي اَچبس؟“ زال
مان توريئي ٿي چوان، توهان جي مرضي، پڇاڙيءَ
اها اِچا پوري ڪيوس يا نہ.“
ٽ سمجهي نہ پيو سگهي تہ ڇا ڪجي؟ پر پڇاڙيءَ
اِچا سمجهي، زال کي چيائين تہ ڇڱو ڀلا اَمان جي
ي ڪر تہ ڇڏي اَچانس. ننهن اَندر ۾ ڏاڍو خوش، تہ
همیشہ لاءِ سس مان جند ڇٽندي، سو تيلهيءَ ۾ ٻہ
ڏائينس ۽ توري ماني ڏنائينس. ٻڍيءَ کي تہ ڪجھ
ھہ ۾ ئي نہ پيو اَچي تہ ھي ڇا ٿي رهيو آهي، مونکي
انهن ٿا وٺي وڃن، پر سدائين سائينءَ جي رضا تي
رهندي هئي، سو چوي پئي تہ جيڪا منهنجي سائينءَ
مرضي. پُٽ ماءُ کي وٺي جهنگل ۾ آيو، ڏنائين تہ هڪ
ٽل جهوپڙي آهي، هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين تہ
”نہ هڪ جڻو نہ ٻہ جڻا“. سو ماءُ کي پيرين پئي موڪلائڻ
ماءُ بہ آشيروادي ڏنس : ”پُٽ سدائين خوش رهندين.“
ٽ موڪلائي مس هلڻ لڳو تہ ڀڳوان بہ ويس بدلائي آيو
ءَ کي آزمائڻ تہ مائي خوش آهي ڪين ڪا شڪايت
. سو پُڪارڻ لڳو تہ ”آهي ڪو جو بکئي کي روٽيءَ ٽڪر
ڪيترن ڏينهن کان بکايل آهيان.“ مائيءَ جو اِهو

مانيءَ تان ارواح ڪڇي ويو اَٿس. سو مانيءَ جي ٻ
ڀڳڙن جي چپٽي ڏنائينس، هن اِن مان بہ هن اَڌ سا
جي نالي تي پکين کي ڏنو. ننهڙس ويئي ڀڳڙا گهٽائين
نيٺ ڪل بہ ڀڳڙا ڏنائينس، تنهن مان بہ هن هڪ
پکين کي ڏنو، تنهن مان نُنهن کي پڪ ٿي تہ هنکي ه
اَصل ٻُک ڪانہ ٿي لڳي. سو هڪ ڀڳڙو ڏيڻ لڳس. هاڻي
ٻڍيءَ لاءِ هڪ چٽي جا بہ اَڌ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي
ٻڍاپي ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري چٽي مان بہ اَڌ نہ پ
ڪري سگهي، جو ڪٽي اِن مان اَڌ پکيءَ کي ڏئي.

ايتري ۾ سندس پٽ ٻاهران واپس اَچي ويو. پنهن
ٻارن سان گڏيو. ماءُ کي پيرين پئي پڇيائين ۽ ”ا
نيڪ تہ آهين نہ؟“ ماٽس ورندي ڏنس، ”اَبا، هڪ چ
بہ چٽا.“ پٽ چيو : ”مان پڇان ٿو تون نيڪ تہ آهين
هيڏي ڪمزوري ڇو ٿي وئي آهين؟“ پر ماءُ جو اِهو
جواب: ”اَبا، هڪ چٽو نہ بہ چٽا“. ماءُ پٽ کي ٻڌائڻ
چاهي تہ هڪ چٽو ٿي ڏئي، بہ بہ ڪانہ ٿي ڏئي. پر
ڪجهہ سمجهي نہ پيو سگهي. سو زال کي سڏ ڪيائين تہ
الائي ڇاٿي چوي، مان تہ نہ ٿو سمجهي سگهان، سو
اَچي ٻڌ تہ ڇاٿي چوي. جڏهين ننهن اِهي اَکر ٻڌا، ”
چٽو نہ بہ چٽا“ تہ ڏاڍو ٻڃي وئي. چيائين تہ هي
منهنجي شڪايت ٿي ڪري پٽ سان، تہ هڪ چٽو ڏي
هئي ۽ بہ چٽا بہ نہ، چڱو ٿيو جو نہ ٿو سمجهي. سو گ

چڏي ويو هو سانس. ايتري ۾ ماڻس جي پٽ تي نظر
سو سڏ ڪري چيائين، ”پٽ هيڏانهن اَچ.“ پٽ
۾ ماءُ کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. ماءُ بہ ڏسڻ ۾
پئي لڳي. سو ماءُ کان پڇيائين: ”هي سڀ ڪيئن
“ ماءُ چيو : ” پٽ، ڪنوار ماني ڏني هئي نہ، تون
وئين مس تہ هڪ الاهہ لوڪ آيو سائينءَ جي نالي تي
گهرڻ، سو مون سڀ ڏئي ڇڏي مانس. اِنهيءَ ڪري
جهوپڙيءَ مان محل نهي ويو. باقي تہ سڀ تنهنجي
ون آهي.“ پُٽ چيو: ”اَمان گهر هلندينءَ؟“ ماءُ جواب
”نہ پُٽ مان هت نيڪ آهيان. تون منهنجو خيال نہ
ڪنوار ۽ ٻار تہ نيڪ آهن نہ؟“ ٻڍيءَ کانئس پڇيو.
ٽ گهر اَچي سڄو اَحوال پنهنجيءَ زال سان ڪيو. زال
عجب ۾ پئجي ويئي، هن تہ سمجهو تہ ٻڍي هوندي
ڪانہ. هاڻي سوچڻ لڳي تہ جيڪر منهنجي ماءُ اِهي
ماڻي. سو پنهنجيءَ ماءُ کي چيائين: ”هت سڄو وقت
پورهيا ڪرين. ٻار پالين، اَناج صاف ڪرين، سو تيار
نہ توکي منهنجو گهوٽ جهنگل ۾ ڇڏي اَچي، اُتي
ئڪ اَتيئي. محل نهيو پيو اَتئي، توکي ڪجهہ ڪم
ڻو پوندو“. ماڻس چيس تہ ”ڪل تہ ڪانہ تڙي اَتئي،
ڻ ۾ چا وڃي ڪنديس؟ هِت پنهنجي ڪٽمب ۾ آهيان،
جي اولاد جو تي ڪم ڪريان، سو مان جهنگل ۾ نہ

آواز ٻڌو تہ ٺري پئي. چيائين صدقي وڃان سائينءَ
نالي ڪان، هٿ ٻہ منهنجي سار لهڻ آيو آهي، سو سڌ ڪ
چيائين. ”اَبا، هيڏانهن اَچ.“ جيڪا ماني هئس سا
فقير کي ڏئي ڇڏيائين. بس پوءِ ڇا ٿيو جو جهوپڙي بدل
محل ٿي پئي. هن ٻڍيءَ جي لاءِ اَنيڪ داسيون حاضر
ويون ۽ سڀ سُک جا ساڌن ميسر ٿي ويا. ٻڍي سڄو و
خوش رهندي هئي ۽ ويهي سائينءَ جا گُڻ ڳائيندي هئ
جو تہ هئڙي جهنگل ۾ بہ سائينءَ کيس ڪونہ ڇڏيو
هيڪاري هاڻي تہ اِيشور ۾ وڏيڪ ويسهہ ۽ شرڌا ٿيس. م
۾ باغ بہ هئا، جتي اَنيڪ قسمن جا پکي ايندا هئا، ان
کي بہ داڻو وغيرهہ پئي ڏيندي هئي ۽ ڪير بہ هن جي
تان خالي ڪونہ موٽندو هو. ٻڍي مائي هاڻي جوان ڏس
ايندي هئي.

اِن ڳالهہ کي چڱو وقت گذريو. نُنهن کي جڏهن س
جي ياد آئي تہ سوچيائين تہ ويئي تہ کپي ڪاجي هوند
پر خبر ڪيئن پوي؟ سو گهوٽ کي چيائين: ”شاباس هڄ
ماءُ کي جهنگل ۾ ڇڏي آيا آهيو، تہ وري سڌ سماءُ بہ ڪ
لهڻ ويا آهيو. مونکي تہ امان جي ياد ۾ ماني بہ ڪانہ
وڻي، سو توهان کيس ڏسي ڇو ڪونہ ٿا اَچو؟“ گهوٽ
”تہ چڱو، هن آرتوار تي ويندس“. ننهن کي پڪ هئي
سس هوندي تہ ڪانہ. پٽ ويو جهنگل ۾، جتي ڇڏي
هوس، اُتي تہ جهوپڙي هئي ڪانہ، ڇوي پيو تہ مان

سندر راجکماري

کڙو هوندو هو راجا، جنهن جي هڪ ئي ڌيءُ تمام
ءَ موهيندڙ هوندي هئي. سونهن ۾ سرس هئڻ ڪارڻ
ڪاري پاڻ جهڙو ڪنهنکي سمجهندي ڪانہ هئي.
جيءَ سندرتا تي ڏاڍو ناز هوندو هئس.

جڪماريءَ کي ڪيترن ئي راجڪمارن شاديءَ لاءِ آڇ
، پر هن اِهي سڀ آڇون نڪرائي ڇڏيون، جنهنڪري
کي ڏاڍو فڪر رهندو هو، سوچيندو هو تہ سندس جيئري
جمڪاريءَ جي شادي ٿي وڃي تہ ڏاڍو سٺو، جيئن هو
نتا کان مڪت ٿئي، وزيرن سان صلاح ڪري هن سويمبر
ڻ جو خيال ڪيو. ڏينهن ۽ تٿ مقرر ڪري هن سڀني
ن ۽ راجمڪارن کي نوتو موڪليو. مقرر وقت تي ڪيئي
ں پهچي ويا.

ڏن آيلن شخصن جي خبر پوندي ئي راجڪماريءَ
کي چيو، 'بابا، مان وڃي هر ڪنهن اَڳيان پنهنجي
ں ڪيان اِهو مونکي نيڪ نہ ٿي لڳي، توهان ئي ڪٿي
ہ ڇوڪرا پسند ڪيو، جن مان پوءِ مان هڪ راجمڪار
ڪنديس. راجا کي راجمڪاريءَ جي صلاح دل سان
هن ڪل ٽي راجمڪار پسند ڪيا، جي سونهن، بدني
ءَ ٻول ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ هئا ۽ پوءِ راجڪماريءَ
ں بابت ڄاڻ ڏنائين.

ويندس، پر زوريءَ ماءُ کي مڃايائين. گهوٽ کي پنهنج
اَکين ۾ واگهوءَ وارا ڳوڙها آڻي چيائين تہ اَمان جي ڏا
ياد تي سناٽي، ٻار بہ ڏاڍو ٿا ياد ڪن ڏاڏيءَ کي، سو
وڃي اَمان کي وٺي اَچ؟ منهنجيءَ ماءُ کي اُتي ڇڏي
ماءُ کي بہ ماني ڏنائين. ماءُ تہ بي دليو ۽ رئندي جهنگل
ويئي. پُٽ کيس اِن سائِي محل ۾ رکيو ۽ پنهنجيءَ
کي چيائين تہ: ”تون هاڻي گهر هل، ٻار توکي ياد ٿا ڪن
ٻڍي سائينءَ جي رضا تي راضي رهي، پٽ سان گڏ
آئي. ڪو بہ من ۾ غم نہ هوس، جتي منهنجو سائين رک
ناني سس کان موڪلائي مس نڪتو تہ ڀڳوان آيو
ٻڍيءَ کي آزمائڻ تہ خوش آهي يا دکي، چيائين”آهي
جو سائينءَ جي نالي روٽيءَ ٽڪر ڏئي، ڪيترن ڏينهن
بکايل آهيان!“ مائيءَ جو اِهو آواز ٻڌو سو چلائڻ لڳي
”هت بہ نہ ٿا ڇڏيو، جتي ڪتي رُلي ٿا مرو، هن مان
مان توکي ڏيان يا مان کان؟“ بس ڪِنَ ۾ محل مان جهوپ
تي پئي. سمي پڄاڻا سنتوشي ٻُڍي اِيشور کي پياري
وئي، ڪجهہ وقت ڪانپوءِ جڏهين ناني آيو سس کي ڏس
تہ اِن جڳهہ تي نہ محل هو نہ جهوپڙي.

شيوا چاڪري ڪرڻ لڳو.
ڪي راجمڪار بہ سوچيو تہ ”هاڻي راجمڪاريءَ بنا رهي
بو“، تنهن هوندي بہ هو راجمڪاريءَ جي سماڌيءَ مٿان
ڪي بنا ڪاڌي پيتي ويهي رهيو. ”هاڻي جيئڻ ئي ڪهڙو؟“
ئين راجمڪار چا ڪيو جو مٿو ڏاڙهي ڪوڙائي سنياسي
ي هٿ ۾ ڪرمنڊل کڻي هليو هماليہ جبل ڏانهن تپسيا
. هو هلندو هليو، هلندو هليو، بکيو پياسو، سج بہ اَچي
تي پهتو هو، ٿڪجي بہ ڏاڍو پيو هو، دل ۾ اِچا هئس
تي رات ڪاٽڻ جو اَجهو ملي تہ سٺو. ايتري ۾ پريان
ن بستيءَ تي نظر پيس ۽ من ۾ آيس ۽ سمجهائين
ڪ بُک اُڃ جو پربنڌ ٿي وڃي. ائين هو بستيءَ طرف
رهيو. بستيءَ وارن ڪيس ڏٺو. هو خوشيءَ
يس پنهنجيءَ بستيءَ ۾ وني آيا، جيستائين رسوئي
ٽي، ڪيس جل پياريائون ۽ باهہ ٻاري چوڌاري ويهي
افر کان حال اَحوال ونڻ.
تري ۾ بستيءَ ۾ ڪنهن ٻار رئڻ شروع ڪيو، بستيءَ
ڪن کي اِن تان ايترو تہ غصو آيو جو ٻار کي کڻي باهہ
ليائون. اِهو ڏسي راجڪمار دهلجي ويو. دل ۾
ئين هي ماڻهون آهن يا ڪاسائي، ٻار تہ پيا رئندا
رئڻ تہ ٻارن جو ڪم آهي. اِنڪري دل ۾ سوچيائين
يءَ بستيءَ مان ڀڄڻ ئي بهتر آهي، مڃاڻ مون کان
يل چڪ ٿي وڃي ۽ مونکي بہ کڻي باهہ ۾ وجهن. اِهو

راجڪماريءَ به ٽيئي جوان ڏٺا، هرهڪ هڪ ٻئي

وڏيڪ هو، پر چونڊ ته هڪ جي ئي ڪرڻ هئي. وري هرد

جي سڀاءُ سيرت ۽ عادتن جي خبر ڪيئن پوي؟ جنهنڪ

پيءُ کي چيائين: ”بين سينَي راجڪمارن کي واپ

موڪلي، هنن ٽن راجڪمارن کي هڪ مهني لاءِ محل

رهايو، مان واري واري سان هنن سان ملاقات ڪند

رهنديس، جيئن سڀاءُ ۽ سندن عادتن جي خبر پويم.“

راجا کي اِها ڳالهه نيڪ لڳي، پر رنگيءَ جا رنگ ني

آهن، رات جو راجڪماريءَ کي اَهڙو ته اَچي پيٽ ۾ س

پيو، جو هوءَ راتو رات گذاري ويئي. وئد ۽ حڪيم به ڪج

ڪري نه سگهيا. چوڌاري ماتم مچي ويو. راجا جي مٿان

جڻ غمن جو پهاڙ ڪري پيو. جنهن هيڏو وقت پ

راجڪماريءَ جي شاديءَ لاءِ پهه پچايا، پر جڏهين شاد

ڪرڻ جي گهڙي ويجهي آئي ته راجڪماري ويندي رهي

راجڪماريءَ جي موٽ ڪارڻ ٽيئي راجڪمار به ڏاڍو ڏُ

ٿيا، ڇوته ٽنهي مان ڪنهن کي به راجڪماري نصيب ڪ

ٿي هئي ته ٽنهي کان هڪ راجڪمار چيو ”اَسان ته اِ

سوچيو به ڪونه هو ته راجڪماريءَ جي سرڳواس ٿيڻ سا

اسين ڪو ايڏو دکي ٿينداسين. جڏهين اَسان جي اَهڙ

حالت آهي ته راجا جي ڪهڙي حالت هوندي؟“ ويچ

ڪيائين، ’ڇوڪين راجا جو سهارو بڻجي ڪيس آٿت ڏجي

اُهو راجڪمار پوءِ راجا وٽ ئي رهڻ لڳو ۽ راجا جي پ

هو اُتي جي لوڪن ڪان منتر سکيو ۽ پوءِ اِن بستيءَ وارن
وڪلائي هن پربت تي وڇڻ جي بدران، موٽي راڄڌانيءَ
رُخ رکيو. راڄڌانيءَ ۾ اَچڻ شرط راجا کي اَچي ٻڌايائين تہ
جمڪاريءَ کي وري جيئرو ڪري سگهندو.
اجا ڏک ڳاڍر آواز ۾ کيس چيو، ”راجمڪار، اَسانکي
جيءَ راجڪماريءَ جي ياد نہ ڏيار. مس مس اَسان
جو اِهو دک ڀلايو آهي. هاڻي تہ رب جي رضا تي راضي
سکي ويا آهيون. اَدل! اَسان جو زخم نہ اکوڙ.“
سنياسي ٻڌيل راجڪمار تنهن تي داعوا سان چيو،
ن ضرور راجڪماريءَ کي زندھ ڪري سگهندس.“
اجا وزير سان صلاح ڪئي. وزير جي راءِ هئي تہ ڀلِ
ڪمار پنهنجو نسخو آزمائي، اِن ۾ هرج ئي ڪهڙو
؟ سنياسي راجڪمار کي پوءِ شمشان ڀوميءَ تي وني ويا
راجڪماريءَ جي سماڌيءَ ڀرسان ٻهي منتر پڙهڻ شروع
تہ راجڪماري جيئري جاڳندي، ڪلندي ڪڏندي قبر
اُتي آئي، ائين جڻ اُتي ڪنهن گُهريءَ ننڊ ۾ هئي.
اري شادمانا تي ويا. هرڪو ڏاڍو خوش ٿيو.
هاڻي وري هڪ نئون مسئلو پيدا ٿيو ۽ ٿيئي راجمڪار
اجڪماريءَ لاءِ حق ڇڪڻ لڳا. جيڪو راجڪمار راجا جي
۾ رهي، راجا جي پٽ جيئان شيوا ڪري رهيو هو
ن چيو، ”راجڪماريءَ تي منهنجو حق آهي جو مون
ڪماريءَ جي پيءُ کي هئڙي ڏکئي وقت ۾ سنڀاليو

خيال ايندي ئي هن بستيءَ جي لوڪن ڪان اُنان هلڻ
موڪل گهري. لوڪ تہ وائڙا ٿي ويا ۽ عجب مان پڇيائونس
سائين، توهان تہ هت رهڻ وارا هئا، اڃا تہ رسوئي بہ تيا
ڪانہ ٿي آهي، هن اونداهي رات ۾ توهان ڪيڏانهن ويند
جهنگل تمام گهاٽو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي خوفناڪ جانور
بہ آهن. راجڪمار تنهن تي ڪانئن سوال ڪيو، ”توهـ
ابهم ٻار ڪي سندس رئڻ ڪارڻ ڪٽي ٻاهہ جو ٻڪ ڪيو.
تہ پيا رئندا آهن، اِهو ڇو؟“

ڳوناٽن چيو، ”بس ڳالهہ بہ ايتري، اَسين هينئر ئي
ٻار کي جيئاري توهان کي ڏيکاريون.“

هو تہ پاڻ وڏيڪ عجب ۾ پئجي ويو، پڇائين، ”توهـ
جادوگر آهيو ڇا؟“ جواب مليس ”هائو“. پوءِ هنن ڪجهہ م
پڙهيا تہ ٻار جيئرو جاڳندو، کلندو ڪڏندو ٻاهہ مان ٻاهر نڪري

اِهو لقاءُ ڏسي سنياسي بڻيل راجڪمار کي من ۾ خ
آيو ۽ پڇائين: ”اِهو ڪهڙو منتر آهي جيڪو مئل اِنس
کي جيئرو ڪري ٿو سگهي ۽ اِهو توهين مونکي سيکاريندا
جنهن تي چيائونس، ”منتر تہ اَسين توکي سيکا
سگهنداسين پر تون آهين جو هت رهڻ لاءِ تيار ئي ڪ
آهين ۽ پيو وڃان، وڃان ڪرين، تہ پوءِ ڪجهہ بہ س
ڪيئن سگهندين؟“ راجڪار بہ اُتي رهڻ لاءِ تيار ٿ
ڇوتہ من ۾ ويچار آيو هوس تہ هو اِن منتر ذريعي راجڪماريءَ کي جيئرو ڪري سگهندو. راجڪمار هفتو ڪن

نوي پدارٿ هٿ ئي رهندا

سنت سولن هڪ رياست جي ٻاهرا ڪٽيا ٺاهي اَچي وينو.
ين کي جيئن ئي خبر پئي ته هڪ سنت ڳوٺ جي
ان ڪٽيا ٺاهي وينو آهي ته سندس درشن ۽ پروچن ٻڌڻ
ڪي ماڻهون هن وٽ آيا. سنت جو درشن ڪري هوُ ڏاڍو
ن ٿيا. ڳوٺ جي ٻين ماڻهن کي به جيئن خبر پئي ته
ڙن جو تعداد وڌندو ويو سنت جي درشن ۽ ستسنگ
لاءِ. راجا جي ڪن تي به ڳالهه پئي، هوُ به هڪ ڏينهن
نجين راڻين سميت هن سنت جي درشن لاءِ آيو. سنت
يو راجا ۾ ڪيڏي نه شرڌا آهي، جو راڻين سميت درشن
يو آهي. راجا کي به ڏاڍو آنند آيو. راجا هٿ جوڙي
ٿ کي وينتي ڪرڻ لڳو، ”سائين هڪ ڏينهن اَسان جي
ٿ ۾ پير گهمايو ۽ پنهنجي آشيرواد ڏيو.“ سنت وراڻيو:
ين هٿ ئي خوش آهيون، توهين به هٿ ايندا ڪريو ۽
نگ جو لاڀ وٺو.“ راجا جڏهن کيس ڏاڍو زور ڀرڻ لڳو
نت کي به مجبورن مڃڻو پيو. هڪ ڏينهن سنت هن
محل ۾ پڌاريو، راجا ڏاڍو خوش ٿيو. هو سارو محل
ٿ کي ڏيکارڻ لڳو. محل سچ پچ ڏاڍو عاليشان هو. هيٺ
ن تي ايران جا غاليچا، ڀتيون چٽيون هيرن موتين جي
يرن سان سينگاريل. البت سنت هي محل ڏسي ڪجهه
ي ئي ڪونه پيو. راجا ويو ٿي پنهنجي محل جي ساراهه
و، پر سنت چپ رهيو. راجا کي اَندر ۾ ڏاڍو ڪروڌ

آهي.'' ٻئي راجڪمار چيو، ''حق منهنجو آهي جو
بکيو پياسو رهي سندس آتما جي پئي سنڀال ڪئي آهي
سندس آتما کي اُتان چُرڻ بہ ڪين ڏنو.'' سنياسي راجڪ
چيو تہ مون راجڪماريءَ کي جيئرو ڪيو آهي ۽ سچو حق
مان ئي آهيان. راجا لاءِ اِهو هڪ ڏکيو مسئلو ٿي پيو. آ
اِن جو حل ڪيئن نڪري؟ سڀ ڏاڍو پريشان هئا. راجا
۾ چيو تہ اَسين سهسائي وينا هئاسين، پر هاڻي چا ڪجي
نيڪ اِن سمي هڪ بزرگ پير مرد راجا اَچي اِن راڄڌاني
۾ پڌاريو، جنهن کي راجا پنهنجو مسئلو ٻڌايو ۽ پور
فيصلي ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو.

پير مرد چيو، ''جنهن راجمڪار راجا وٽ رهي سند
پٽ جيئان شيوا چاڪري ڪئي، اِهو تہ هاڻي راجمڪار
جو ڀاءُ ٿي ٿيو. سو ڀاءُ ڀيڻ ڪيئن شادي ڪندا؟ جنه
سنياسي راجمڪار منترن وسيلي راجڪماريءَ کي جيئ
ڪيو، سو تہ سنياسي ئي آهي ۽ سنياسي معنيٰ وئراڳ
تياڳ، جنهنڪري دنيا جي پدارٿن جي موهہ ۾ ڦاس
ڪيس شوڀيا نہ ٿو ڏئي، البت ان راجڪمار جو حق برابر آهي
جنهن سماڌيءَ مٿان ڪٽ وجائي بکيو پياسو رهي، سندس آتما ج
حفاظت ڪئي آهي ۽ آتما کي اُتان چُرڻ ئي ڪين ڏنو آهي.'' ه
وار اُتي وري خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. راجمڪار جا س
مِٽ مائٽ ۽ دوست متر اِتِ پهچي ويا ۽ راجڪماريءَ جي راجڪم
سان ڏاڍي ڌام ڌوم سان شادي ٿي.

ي راجا پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ هن راجا کي
ي ڇڏڻ گهرجي، سو کيس ڳاهہ ۾ ويڙهي، ڳاهہ کي باهہ
ي وجي، جيئن هي جلدي سڙي مرڻ جي بدران، تڙڦي
ب.“ راجا کي آلي ڳاهہ ۾ ويڙهي باهہ لڳائي وئي. اوڏي
ن کيس سنت سولن ياد آيو، جنهن هن کي سچ ٻڌايو هو
”هيءَ راجائي ۽ محل ماڙيون، اَڄ تو وٽ آهن تہ سڀاڻي
ب ٻئي وٽ هوندا “ ڳاهہ جي اَندران زور، زور سان سڏڻ
”سولن، سولن، سولن.“ ٻئي راجا جو اِهو آواز ٻڌو تہ
سان پڇڻ لڳس، ’ڪنهن کي تو ياد ڪرين؟ ڪنهن کي
سڏ ڪرين، ڪير تيندو آهي سولن؟“ پهرين اُن راجا
: ”سولن هڪ سچو سنت آهي، جنهن مونکي سچ ٻڌايو
پر مون اهنڪار ۾ اَچي کيس جيل ۾ وڌو آهي. هاڻي
تہ مري رهيو آهيان، توهان مهرباني ڪري کيس جيل
ڪڍو.“ راجا هڪدم پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڪيو
اهہ وسائي وجي ۽ راجا کي ٻاهر ڪڍيو وجي. آلي ڳاهہ
ڪري باهہ اَجا پڪڙي ڪانہ هئي، اِنڪري راجا کي
ئيءَ سان ٻاهر ڪڍيو ويو.
ئي راجا پڇيس، ”ڪهڙو سچ چيو هو سولن؟“ پهرئين
ورندي ڏني، ”سولن سنت چيو هو تہ هي مال خزانا،
ماڙيون، لشڪر ۽ راجائن سنگ نہ هلندا. هي اَڄ تو وٽ
تہ سڀاڻي ٻئي وٽ هوندا. نام جو ڏن ڪنو ڪيو جو ئي
هلندو. هاڻي مونکي بہ وشواس ٿي ويو آهي تہ سولن هڪ
سنت آهي، توهين مهرباني ڪري هنکي جيل مان ڪڍو.“
ئون راجا بہ هاڻ لوچڻ لڳو؛ جو من جون اَکيون کليس،

جا ڳيو، ڇي راجا مهاراجا به منهنجي محل جي ساراهه ڪ
آهن ۽ مهما جا ڳڻ ڳائيندا آهن پر هي آهي جو ڪ
ڪجي به ڪونه ٿو، نه وري ڪو ڳڻ ٿو ڳائي نه ٿو واهه،
ڪري. من ۾ ڏاڍو اَهنڪار پئدا ٿيس، سنت کان پڇيائ
”توهان جي خيال ۾ سڀ کان پهريون نمبر ڀاڳوان اِن
ڪير آهي؟“ سنت ورندي ڏني: ”ڀاڳوان اِنسان اِهو
جو نت نيم سان ستسنگ ۾ وڃي، شيوا ڪري ۽ نام جپي
راجا کي ڏاڍو غصو لڳو، پڇيائين، ”مان پهريون ن
ڀاڳوان نه آهيان؟ هيترا محل ماڙيون اَٿم، خزانا ه
جواهر سان ڀريل پيا آهن، هيترو لشڪر اَٿم، راجائي اَٿم
تڏهين سنت جواب ڏنو، ” سنساري مايا ۽ راجائي
سڀ هت رهندا، سنگ نه هلندا. پرلوڪ جو توشو آهي
نام جو سچو ڌن، اُهوئي اِنسان سان گڏ هلي ٿو. هي ش
اَڄ تو وٽ آهن، سڀاڻي ٻئي وٽ هونديون.“ راجا کي من
اَهنڪار ته هوئي، جنهن ڪروڌ جو روپ اِختيار ڪيو، هڪ
پنهنجي ڪرمچارين کي حڪم ڏنائين، ”هن سنت
هڪدم جيل ۾ وڌو وڃي.“ تڏهين به سنت اَڏول رهي
سندس پيشانيءَ تي رنج جي ريکا به نظر ڪانه آئي،
چيائين: ”راجا، توهين ڀلي مونکي جيل ۾ وجهو يا ڦا
لڳايو، پر جو سچ آهي، اِهو چيو اَٿم.“ سنت کي جيل
وڌو ويو. هُنَ ڀاڻي ته آنند هو، جنهن ۾ سائين راضي.
ڪجهه ڏينهن کانپوءِ جڏهين ٻيءَ رياست جو راجا پهر
راجا جي رياست تي ڪاهه ڪري آيو ته هُنَ راجا هارا

راجڪمار گوپيچند

جڪمار گوپيچند جي محلات ۾ مڙيوئي عيش عشرت
سامان سان گڏ ترڻ لاءِ تلاءُ بہ هو، جتي هر روز
چند کي سندس راڻيون تيل ڦليل ۽ عطر انمبر لڳائي
ڪرائينديون هيون. راجڪاروبار تہ وزير پيا هلائيندا
راجڪمار عيش عشرت ۾ پورو هوندو هو. هڪ ڏينهن
راجڪمار گوپيچند کي راڻيون سنان ڪرائي رهيون
تہ مٿان محل جي دريءَ مان سندس ماءُ دريءَ جي
ويهي سارو نظارو عجب وچان ڏسي رهي هئي تہ
نہ سندس پٽ دنيا جي حرص حواسن ۾ پورو آهي.
پ ڏسندي اکين مان ڳوڙها ڳري اچي راجڪمار جي
تي پيا. جيئن ڳوڙها راجڪمار جي سرير تي پيا تہ هو
تي ويو ۽ مٿي نهاري ڏٺائين تہ سندس ماءُ روئي
آهي. تر تڪڙ ۾ ڪپڙا پائي ماءُ وٽ آيو ۽ پڇيائين،
تون ڇو روئي رهي آهين؟ توکي ڪهڙو ڏک آهي؟
هنجين راڻين توکي ستايو آهي؟" پيار منجهان ماڻس
ڏني، "نہ پٽ، تنهنجون راڻيون تہ مونکي ڏيئر
آهن." "تہ پوءِ تون روئي ڇو رهي آهين؟" راجڪمار
سوال ڪيو. تڏهين ماڻس چيو، "پُٽ، تنهنجو ڏاڏو
ن هليو ويو. تنهنجو پيءُ بہ عيش عشرت ڪري، بنا
ن ڪني ڪرڻ واريءَ پريءَ جوانيءَ ۾ ويندو رهيو.
ڏسان ويني تہ تون بہ موجن مزن ونڻ ۾ پورو آهين،

۽ ڳيان آيس تہ اِهي سنساري شيون وري مون سان
هلنديون ڇا؟ هن اِن راجا کي پنهنجي راڄڌاني واپ
ڏني ۽ سولن سنت کي جيل مان ڪڍيو ويو. ٻئي راجائ
ڳڏجي سنت جي چرنن تي ڪري پيا ۽ جهڪي آشير
ورتائون. من جا پولا پرم سڀ متجي وين. اَڄ بہ هو پو
تپسيا ڪن پيا. سنسار کي مٽيا جاٽيل مَنُ مالڪ سان جوڙ
ڇڏيو اَٿائون.

ٽپاليءَ جو انتظار

در ۾ ڪيڏيون اَکيون کپايان - راهہ ٽپاليءَ جي واجهايان
ايڏي خط ۾ دير وڏي ڦُنَ - ڪنهنکي دل جا سوُر ٻڌايان
اِنتظار تَن مَن ڦٽڪايو - اَڄان نہ هنجو خط ڪو آيو

- - - - - - - - - - - - - - -

مجبوريءَ ۾ قاتل هوندو - يا ڪنهن ڪم ۾ گهيريل هوندو
روح سندس آ رمتو جوڳي - مشغولين ۾ موڙهيل هوندو
اوسيڙي وشواس وڃايو - اَڄان نہ هنجو خط ڪو آيو

- - - - - - - - - - - - - - -

ڪيڏو پاڻ کي ٿي سمجهايان - چو چنتا ۾ وقت وڃايان
خطناهي پڪ هوندو سَرهو - ڪيئن ڪنهنجومان در ڪڙڪايان
’آنند‘ مَن کي ائين پرچايو - اَڄان تہ هنجو خط ڪو آيو

ڪانتا ’آنند

ائون، ”هاڻي تون وڃي پنهنجي شهر مان بکشا وٺي اَچ.“
جڪمار سڌو پنهنجي شهر ۾ ويو. پهرين هو پنهنجي
مان بکشا گهرڻ لڳو. راجڪرمچارين کيس سڃاڻي
راڻيون بہ ٻاهر نڪري آيون. ٻين وزيرن چيس: ”راڄ
خالي پئي آهي، هاڻي آيا آهيو تہ مهرباني ڪري
ڄي راڄ گدي سنڀاليو.“ پر هن ڳالهہ نہ مڃي. راڻيون
اڍو رئُن ۽ آزي نيزاري پيون ڪن ۽ چون: ”هاڻ هن
۾ ئي رهي پئو، واپس نہ وڃو.“ راجڪمار تنهن تي
: ”توهين ڀلي بکشا نہ ڏيو، مان ائين ئي هلي ويندس،
ت رهندس ڪين“ راڻين ڏنو تہ هي ناراض ٿو ٿئي ۽
رهندو بہ ڪين، اِنڪري سندن بدن تي جيڪي مڻيا
پيل هئا، سڀ لاهي کيس بکشا ۾ ڏنائون. راڻين کان
وٺي هو وري ماءُ جي محل ۾ آيو ۽ اَچي ماءُ کان بکشا
يائين. ماءُ چيو، ”پُٽ، مون وٽ پنهنجو ڇا آهي جو
بکشا ۾ ڏيان، کيس بکشا ۾ سکيا ڏيندي اِهوئي
جهايائين تہ: ”مال منا کائجانءِ، سيجا تي سمجهاءِ ۽
اَندر رهجانءِ.“ راجڪمار عجب ۾ پئجي ويو.“ اَمان
ڇا ٿيو آهي؟ جو چوي ٿي تہ ” مال منا کائجانءِ،
ا تي سمجهانءِ ۽ قلعي اَندر رهجانءِ“. پاڻ تہ اُپديش
هئائين تہ مانش چولي جو قدر ڪر.“ سکيا واريون اِهي
ن مٿي پهاڙن تي سنتن وٽ ڪٿي آهن؟“ هو اِنهيءَ
ب ۾ ماءُ کان سمجهاڻي گهرڻ لڳو. ماءُ ٻاجهہ مان چيس:

پٽ نام جو ڏن ڪنو ڪر ۽ مانش چولي جو قدر ڪر، هـ
محل ماڙيون ۽ مال خزانا سڀ ساڳيا آهن، جي سنگ
هرگز نہ هلڻا آهن، پر اِهي اِنسان نہ آهن.“ راجڪمار م
جي واتان هي ڳالهيون ٻڌي وائڙو ٿي ويو. پڇيائين، ”آما
مانش چولو ڇا ٿيندو آهي ۽ اِن جو قدر ڪيئن ٿيند
آهي؟“ تنهن تي ماٽس سمجهايس، ”اِنسان جو جنم مل
آهي، تنهن کي مانش چولو چئبو آهي، پُٽ اِن جو قد
ڪرڻ سِک. اِهو ائين مزن ماڻهن لاءِ نہ مليو آهي. ڪجه
پرلوڪ جو بہ لکش ناهہ.“ راجڪمار وري پڇيو، ”مان مانش
چولي جو قدر ڪيئن ڪريان؟“ ماٽس سمجهايس تہ پُ
متي پهاڙن تي ڪي سنت رهندا آهن، تون اِنهن وٽ وڃ
اِنهن جي شيوا وڃي ڪر ۽ هوئي توکي سڀ سمجهائيندا
راجڪمار من ۾ سوچڻ لڳو، ”آمان برابر سچ ٿي چو
تہ دنيا جا مال متاع تہ اِتي پيا هوندا، اَلبت اِنسان جو پ
نہ پوندو، خبر نہ آهي ڪڏهين پرلوڪ مان سڏ اَچي، چو
سنتن وٽ وڃي، سندن شيوا ڪري نام ڏن ڪنو ڪريان!
راجسنگهاسن ڇڏي، راڻين ۽ ماءُ کان موڪلائي راجڪم
متي پهاڙن تي ويو. هو سنتن جي خوب شيوا ڪندو هو
ساڳئي وقت ڪنن تپسيا بہ ڪندو هو. اِن طرح سندس ڪوڙ
دنيا لاءِ هاڻي من ۾ ڪو چاهہ ڪونہ رهيو. سنتن بہ ڏاي
محنت ڪري هنکي پڪو ڪري ڇڏيو. جڏهين سنتن ڏٺو
برابر هنکي سچو رنگ چڙهي ويو آهي، تڏهين بہ کيس آزما

گيتا پنا

يتا پنا نالي هڪ غريب برهمڻ هوندو هو، جنهن جو
يمر هوندو هو، صبوح جو سويل اُٿي سنان پاٽي ڪري
جو پاٺ ڪرڻ. تنهن ڪانپوءِ هو روز دربار ۾ وڃي سيوا
ي ستسنگ پوڄا آرتي ڌيان سان ڪندو هو. دربار مان
ڪشا لاءِ نڪرندو هو ۽ بکشا آٽي گهر ۾ براهمڻيءَ کي
و هو، جنهن مان هوءَ ڪاڌو ناهيندي هئي ۽ پوءِ سيئي
ٻچن سميت گڏجي کائيندا هئا. براهمڻ کي ڏاڍو
ش هو، جيڪو بہ بکشا ۾ ملندو هئس تنهن تي راضي
و هو، اَلبت براهمڻي پنهنجي سياءُ جي هئي. ستسنگ
ن بہ لاڙو اَصل ڪونہ هئس. براهمڻ گهٽوئي چوندو هئس
تون بہ ڪڏهين ستسنگ ۾ هلي ڏس تہ ڪيترو تو آنند
ي." پر براهمڻي چوندي هئس، "مان گهر ۾ ٻارن سان
آهيان. اَهڙو آنند توکي ئي نيبهہ هجي."
ڪجو ڏينهن ڪانپوءِ اِن ڳوٺ ۾ ڏاڍو اَڇي اَڪال پيو،
ن کي کائڻ لاءِ ڪين هو، براهمڻي براهمڻ کي چيو،
ٻُک مري رهيا آهن. بکشا وٺي اَچ." براهمڻ جواب
: "ڳوٺ ۾ اَڪال پيو آهي، اَهڙيءَ ڏکئي وقت ۾
مونکي بکشا ڏيندو." "پر ٻار ٻُک ۾ مري رهيا آهن.
کي مان چا ڪارايان. تون ڪوشش تہ ڪر." براهمڻ
ڏنو تہ "هميشهہ ڀڳوان اَسانکي ڪارائيندو رهيو آهي،

”پُٽ! تون برابر سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. مطلب هي
آهي تہ تون اِتي ايڏي تہ محنت ۽ شيوا ڪر جو جڏهين
ڏاڍو ٿڪجي پوندي ۽ دال روٽي بہ کائيندين تہ توکي اِ
مان اَهڙو سواد ايندو جيڪو هٽ محلن ۾ طعامن کائڻ سا
بہ نہ ايندو هوندءِ. ٻيو تہ پُٽ وري بہ سمجهايانءِ ٿي تہ
ايڏو ڪم ڪرڻ ۽ محنت ڪرڻ سان جڏهين ڏاڍو ٿڪجي
پوندين تہ ننڊ ايندي ئي پٿرن تي سمهي پوندين تہ ب
توکي اَهڙي مٺي ننڊ ايندي، جا محلن ۾ سيجا تي بہ نہ آئي
هوندءِ. ٽيون چيومانءِ تہ قلعي اَندر رهجانءِ سو اِهو قلعو آهي
سنتن جو حڪم، سدائين سنتن جي حڪم ۾ رهجانءِ ۽ سنت
جو حڪم ڪن، اُهو اَکين تي رکي انهن جي آگيا ۾ رهجانءِ.“
راجڪمار چيو: ”بس اَمان مان سڀ سمجهي ويس.“

راجڪمار واپس پهاڙن تي سنتن وٽ آيو. سنتن پريان
ڏٺو تہ راجمڪار گوپيچند پنهنجي محل مان بکشا وٺي
اَچي رهيو آهي تہ ڏاڍو خوش ٿيا. چيائون، ”تون پريکش
۾ پاس ٿئين. اَسانکي ڏسڻو هو تہ تون پنهنجو شهر، پنهنج
محل، راجسنگهاسن ۽ راڻيون ڏسي موهہ ۾ تہ ڪونہ ڦاسجي
تو وڃين. اَسان سعايو ڪري توکي پنهنجي ئي شهر مان
بکشا آڻڻ لاءِ چيو هو. تون هاڻي اِمتحان ۾ پاس ٿيو آهين
۽ سائينءَ جي رنگ ۾ رچي راس ٿيو آهين.“ اَهڙو ه
راجڪمار گوپيچند، جنهن سنتن جو سنگ ڪري، مانش
چولي جو قدر ڪري پنهنجو جيون سڦلو ڪيو. □

ڏنو تہ مان گيتا پنا جو دوست آهيان، هي سامان
ڻو''. براهمڻي ٽوڪري هيٺ لاهي سامان کڻڻ لڳي.
سامان کڻندي وڃي تيئن اها ٽوڪري ڀرجندي
وڃي، جنهن ۾ ڪچو سيڌو، مال مڻايون، تيار رسوئي،
ميوا ڪپڙا سون هيرا جواهر بہ هئا.
راهمڻي اِهو بہ سوچي نہ پئي سگهي تہ هئڙي ڏکئي
۾ ايترو مال ڪير موڪليندو؟ ٻالڪ ڪان ڪاٺ پيئڻ جو
ئين تہ هن چيس، ''زبان ۾ زخم تي پيو آهي، اِنهيءَ
ڪاڏي مان سواد ڪونہ ٿو اَچي.'' وات کولي
ڏيائينس تہ برابر زبان تي چير هئس. ٻالڪ براهمڻ
چيو: ''گيتا پنا کي چئجِ تہ مونکي وساري نہ.'' ائين
ڀڳوان روپ ٻالڪ هليو ويو.
ٿي هيءَ براهمڻي هر هر ڪونيءَ ڏانهن پئي نهاري
راهمڻ ڀڄن پورو ڪري تہ ٻڌايانس تہ هيترو سامان
جو دوست ڏئي ويو آهي، ڪجھہ وقت ڪانپوءِ براهمڻ
ڪان ٻاهر نڪتو، ڏسي تہ ٻار قل ميوا مڻايون ڪائي رهيا
براهمڻيءَ ٻڌايس تنهنجو دوست آيو هو، سو هي
سامان ڏئي ويو ۽ چيائين تہ ''گيتا پنا کي چئجِ تہ
ي وساري نہ.'' براهمڻ هيترو سامان ڏسي عجب ۾
ي ويو. من ۾ چيائين تہ هئڙي وقت ۾ ڪرشن ڀڳوان
واءِ ٻيو ڪو دوست تي نٿو سگهي. زال کان پڇيائين،
هن کي ڪاٺ پيئڻ جي آڇ ڪئي.'' براهمڻيءَ چيو:
ڪيم، پر چيائين تہ زبان تي زخم تي پيو آهي،

آسانکي تہ سندس شڪرگذار رهڻ گهرجي. هي ڏينهن ب
گذري ويندا. وري مان ويندس تہ مونکي بکشا ڪير ڏيندو
جنکي تورو گهڻو هوندو اُهو تہ هو پنهنجي ڪٽنب لا
رکندا نہ؟ اِنهيءَ ڪري ڀڳوان جو ڀڄن ويهي ڪر."
براهمڻيءَ چيو، "مونکان ٻک ۾ ڀڄن ڪونہ ٿيندو. آسي
ڪاڏي ڪانسواءِ رهي ڪونہ سگهنداسين، تون ڪجهہ اُپاءُ ڪر."
براهمڻ روم ۾ وڃي گيتا جو پاٺ ڪرڻ لڳو، پر هي
براهمڻي، براهمڻ جي ڀڄن ۾ ڏاڍو وگهن پئي وجهي
آصل ڪنڌ ڪنڌ بند ئي نہ ڪري، تنهن تي براهمڻ گيتا ج
سلوڪ پڙهي ٻڌايس، جنهن جو مطلب هو تہ ڀڳوان چوي ٿ
تہ، "مون جيڪي توهان کي ڏنو آهي، تنهن جي رک
ڪريو ۽ اَڳتي بہ مان توهان ڀڳتن لاءِ وينو آهيان." بس
براهمڻ جو ايترو چوڻ ۽ براهمڻي غصي ۾ اَچي، گيتا ڦر
گيتا جي سلوڪ تي ليڪا پائڻ لڳي ۽ اِهو پنو ئي ڦاڙ
چڏيائين، براهمڻ کي اَهڙيءَ هلت تي غصو تہ لڳو پر ص
۾ رهي پنهنجي ڀڄن ۾ لين ٿي ويو. ڀڳوان پنهنج
ڀڳتن کي دُکي ڪين ڏسي سگهندو آهي، آسين رڳو ه
قدم ڏانهس وڌايون تہ هو ڏهہ قدم ڪٽي آسان ڏانه
ايندو آهي ۽ آسان جا ڪشٽ دور ڪندو آهي، سو ڀڳو
هڪ بالڪ جو روپ ڌاري مٿي تي ٽوڪري سامان جي ر
اَچي هن براهمڻ جو در ڪڙڪايو. براهمڻ تہ ڀڄن ۾ م
هو. براهمڻيءَ در کوليو، ڏسي تہ هڪ بالڪ ٽوڪري سام
جي ڪٽي بيٺو آهي، پڇيائين: "تون ڪير آهين" ب

دربار ۾ وڃڻ مان فائدو؟

رسان واري شهر ۾ سنت آيل هئو ڪجهه ڏينهن لاءِ،
ين جڏهين سنگت پيار ۽ شرڌا سان سنت کي
ِيندي آهي تہ سنت بہ اُتي اَچي سنگت کي پنهنجن
نن سان ۽ درشن سان نهال ڪندا آهن. راجا ٻڌو تہ
واري شهر ۾ سنت آيو آهي، سوچيائين تہ سڄو وقت
جي ڏنڏن ۽ راجائي ڪاروبار ۾ ويو آهي، هاڻي ڪجهه
ڪڍي چونہ سنتن جي گيان جا گفتا ٻڌان. هن
جي اچڻ جو اِطلاع دربار ۽ موڪليو راجا جي رهائش ۽
لاءِ دربار جي پرسان ڪتيا ناهي ويئي. راجا اچي ڪتيا
يو. جڏهين دربار ۾ ويو تہ سنت اُهو وچن ٻڌائي رهيا
ـہ هرڪو اِنسان پنهنجو ڪرم ڀوڳي ٿو. جيڪي بہ
جيڪو ڪري آيو آهي، اُهي ڪيس ئي ڀوڳڻا آهن.
ڪانسواءِ چتي نتو سگهجي.'' راجا سوچڻ لڳو تہ
ڏهين سيني کي ڪرم ڀوڳڻا آهن تہ پوءِ دربار ۾ وڃڻ
ائدو؟ تہ پوءِ سنتن وٽ ڇو وڃجي؟ جيڪو جتي آهي،
ينو پنهنجا ڪرم ڀوڳي. جڏهن مندرن، مسجدن ۾
مان ڪو فائدو ئي ڪونهي تہ پوءِ وڃجي ئي ڇو؟ راجا
جو وقت ان طرح من ڀيو هلندو هو ۽ ان تي ئي ڀيو
ڪندو هو. رات جو ڪتيا ۾ ننڊ بہ ڪانہ ايندي هئس.
ندو هو تہ مان آيس ڇو؟ سنت تہ جاڻي جاڻهار آهن.

اِنڪري ڪاڏي مان سواد ڪونہ ٿو اَچي، وات ڪولي ڏيکاريائين
برابر زبان تي چير هئس.“ براهمڻ سمجهي ويو تہ پڪ
ڪرشن ڀڳوان منهنجي گهر ۾ آيو هو، گيتا جي سلوڪ تي
جو براهمڻيءَ ڪروڌ ۾ اَچي ليڪا پاتا هئا اِنڪري ئي ڪرشن
ڀڳوان جي زبان تي زخم ٿي پيو آهي. گيتا جا سلوڪ ڪرشن
ڀڳوان جا عضوا آهن، براهمڻيءَ کي چيائين، ”ڪرشن
ڀڳوان پاڻ اِچي اِهو سامان ڏئي ويو آهي.“ تو جو غصي ۾
اَچي سلوڪ تي ليڪا پاتا، جنهن ڪارڻ ڪرشن ڀڳوان جي
زبان تي زخم ٿي پيو. هڪ وار جيڪو بہ ڪرشن ڀڳوان جي
شرڻ وني ٿو، تہ هو کهڙو بہ روپ ڌاري اَچي پنهنجن
ڀڳتن جا ڪشٽ ڪشالا دور ڪري ٿو، پر تون اِهي ڳالهيون
نہ سمجهي سگهندينءَ. تنهنجو من تہ اوندهہ ۽ اَگيان ۾
ٿو ڀٽڪي، توکي ڪيئن اِها خبر پوندي تہ ڀڳوان ڪيڏو
ديالو ڪرپالو آهي. هو ڪڏهن بہ پنهنجن ڀڳتن کي دکي
ڏسي سگهندو آهي، اَسين رڳو هڪ دفعو من ۾ ڀڳوان لاءِ
شرڌا ۽ وشواس رکون.“ هاڻي براهميءَ کي سڀ ڳالهہ سمجهہ
۾ اَچي وئي. پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمان ٿيي تہ ناحق
ڪروڌ ۾ اَچي مون گيتا جي سلوڪ تي ليڪا پاتا، هو
براهمڻ کان معافي گهرڻ لڳي. ڏاڍو پڇتائي براهمڻ کي
چيائين، اَڄتي مان بہ توهان سان گڏ دربار ۾ هلندس
اِن ڪانپوءِ ٻئي گڏجي ستسنگ ۾ وڃڻ لڳا، جتي شيو
سمرن ڪري ۽ سنتن جي آگيا ۾ رهي پنهنجو جيون سڦل
ڪيائون.

سمجهو تہ سائين هنن تي ديا ڪري، سندن بابا کي
ڪيو آهي. هو گهڻوئي چوي: ”تہ مان پر واريءَ
ت جو راجا آهيان“، پر ڪير وشواس نہ پيو ڪري.
ٻتري ۾ صبوح ٿيو. سنت ۽ ٻيا ماڻهون راجا جي ڳولها
ي پهتا، ڏسن تہ هت تہ گوڙ گهمسان لڳو پيو آهي. ٻار
بابا، بابا چئي راجا کي چنبڙيا پيا آهن. سنت جي
تي ڪتيا جي رهاڪن چيو : ”ٻٽي ڏينهن اَڳ اَسان
ڪ ياتي گذاري ويو آهي، جنهن جي شڪل هوبهو هن
ي هئي. اَسين سمجهون ٿا تہ هيءُ اسان جو اُهوئي
واپس آيو آهي.“ تنهن تي سنت چين : ”هلي
قبر کوٽيو، جي اِن ۾ توهان جو ياتي نہ هوندو تہ هي
توهان جو نہ ڪٽنبي آهي، جي توهان جو ڪٽنبي قبر
ن ٽيل هوندو تہ پوءِ هيءُ شخص توهان جو نہ آهي.“
اِها ڳالهہ قبول ڪئي. قبر کوٽي وئي، جنهن ۾ سندن
بي برابر اَندر هو. سنت چيو تہ ”هاڻي هي شخص
ن جو نہ آهي. هي راجا ئي آهي.“ سنت جي چوڻ تي
ال سائينءَ جي رضا تي راضي رهيا ۽ راجا کي وڃڻ جي
ل ڏنائون.
اجا کي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي نہ پيو اَچي تہ هي سڀ
هي؟ برابر مون سپني ۾ ڏٺو هو تہ چنڊال جي گهر ۾
جنم ۾ سؤ سال گذاريا آهن ۽ هت سچ پچ ڦاسي ورتو هو.
ي بہ. ڏاڍو منجهي پيو. واپس جڏهين دربار ۾ پهتا

تي ڏينهن گذريا ته به راجا جي من ۾ اِهائي ڳالهه ته دربار
۾ اچڻ مان ڪهڙو فائدو؟

هڪ رات راجا سپني ۾ ڏٺو ته هن چنڊال جي گهر ۾
جنم ورتو آهي ۽ اُتي هو سؤ سالن تائين رهيو آهي ۽ هن
کي مٽ مائٽ، زال ۽ ٻار ٻچا به آهن. جڏهين اک کليس
ته ڏٺائين ته مان ته ساڳيو راجا آهيان. ته پوءِ هيءُ سپنا ڇا
هو؟ ڏاڍو منجهي پيو. دل ۾ پيو چوي ته مان اَچي چڱو
ڦاٿو آهيان.

سنت به راجا جي من جي اُستتي سمجهي ويا. هڪ
ڏينهن شام جو چيائونس ته ڪٿا ڪيرتن گهڻوئي ٿيو
هاڻي سڀ تيار ٿيو ته جهنگل ۾ شڪار تي هلون، اِنهي ۽
ڳالهه لاءِ تاڪيد ڪيائون ته جنهن کي جيڪو شڪار سامهون
نظر اَچي، اِهو پاڻ ان جي پٺيان وڃي. ڪير به هڪ ٻئي لا
ترسي نه. اتي راجا جي هڪ جانورن تي نظر پيئي، راجا ان
جي پٺيان ويو. شڪار ته شڪار جي ماڳ، ماڳهين رات ٿي
ويس، پر شڪار نظر نه آيس. هڪ جهوپڙي هئي، تنهن ۾
راجا رات گذارڻ لاءِ اَندر گهڙي ويو. اِتي جي رهاڪن راج
کي ڏٺو، ڪيس پنهنجو ڪٽنبي سمجهي اَچي ورايائون. ٻا
به رئن پيا ۽ بابا، بابا ڪري پيا چنبڙيس. هو گهڻوئي چوي
ته مان توهان جو بابا ڪونه آهيان، مان راجا آهيان. پر ڪي
اِها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه هو. ڇا هو، جو ڪجهه ڏينهه
اَڳيم راجا جي مهانڊي جهڙو ٻارن جو پيءُ گذاري ويو ه

ستيہ سائين بابا اُستتي

(۱) ڌيو ڀاڳ سڀني جو آهي ڀلارو،
سائين اَسان جي اَڱڻ ۾ پڌاريو،
(۱) ڳايان، نچان، چونر ڦيريون مان پايان،
سائين جي سواڳت ۾ اَکڙيون وڇايان،
بابا اَسان جي اَڱڻ ۾ پڌاريو.
(۲) اَچو سڀ سهيليون ڳايون وڌايون،
سائين جون سڀ کي سکيائون ٻڌايون،
سائين اَسان جو سدا ٻاجهہ وارو،
اَڄ آهہ سائين اَڱڻ ۾ پڌاريو.
(۳) ديالو ديا سان ئي دکڙا کٽيندو،
هيڏن جو سو ئي همراهہ ٿيندو،
سائين اَسان جو نيارو پيارو،
سائين اَسان جي اَڱڻ ۾ پڌاريو.
(۴) آديون اَڄ سڀن جو وريو ڀاڳ آهي،
خوش آهيان سڀني جو سوڀاڳ آهي،
اَکين جي اَکِيان آهہ دل جو دُلارو،
”اَننت“ سائين آهي اَڱڻ ۾ پڌاريو.

- ڪانتا - اِيسراڻي (اَننت)

تہ سنت راجا کي پاڻ وٽ سڏائي چيو تہ تنهنجو من پيو
ڪجهہ سوچي پر تو جيڪو سپنو ڏٺو سو سچ هو. تون ٻئي
جنم ۾ بہ چنڊال جي گهر ۾ جنم ونين ها ۽ سؤ سالن تائين
رهين ها، جتي توکي ڪٽمب وغيرھہ هجي ها. پر جيئن تہ
تون هن جنم ۾ دربار ۾ آيو آهين ۽ سنتن جا وچن ٻڌا
اَٿئي تہ تنهنجو دربار ۾ اَچڻ وئرٿ نہ ويندو. جو بہ من ۾
شرڌا ۽ صدق رکي مندر ۾ وڃي ٿو، تنهن جا ٻنهي جنم جا
ڪشٽ ڪٽجن ٿا. ڏس، دربار ۾ اَچڻ سان توکي اِهو فائدو
مليو جو ڏهن منٽن جي سپني ۾ تنهنجو سؤ سالن جو
ڪشٽ ٽري ويو. هن جنم ۾ اِنسان کي اَڳئين جنم جي
ڪرمن جو ڦل ضرور ڀوڳڻو پوي ٿو؛ پر نت نيم سان دربار
۾ وڃڻ، سيوا، سمرن، ستسنگ، ڌيان، پوڄا ۽ آرتي ڪرڻ
سان ٻئي جنم جا ڪشٽ ڪٽجي ٿا وڃن، پڻ هن جنم ۾
سنتن جي هدايت تي عمل ڪرڻ سان اِنسان کي خوشيءَ
سان ڪرم ڀوڳڻ جي شڪتي بہ سائين پاڻ ڏيندو آهي. هاڻي
راجا کي سڀ ڳالهہ سمجهہ ۾ اَچي ويئي ۽ پڪو وشواس ٿي
ويس تہ دربار ۾ اَچڻ سان فائدا ئي فائدا آهن. راجا پوءِ
سنت کان موڪلائي، جهڪي آشيرواد وٺي پنهنجي رياست
۾ ويو ۽ ڪٽي ويو پاڻ سان من ۾ سنتن جي لاءِ اٿاھہ شرڌا
صدق ۽ پريم ڀاءُ. راج ڪاروبار هلائيندو هو، پر من سدائين
سائينءَ سان جڙيل رکيائين.

□

باڄهارو سائين

پرواهه، بيپرواهه، سائين منهنجو بيپرواهه،
ئي آهي شاهن جو شاهه
ن ۾ منهنجو آ ويساهه
واهه، واهه، سائين بيپرواهه.

ن سان سائين آهي ساڻ،
ڪي کهڙي آهي ڪاڻ،
ڪ جو آهي همراهه،
واهه، واهه، سائين بيپرواهه.

و ڳايو موج مچايو،
سڳ، جڳ مڳ ديپ جلايو،
تئي شل سپ جي راهه،
واهه، واهه، سائين بيپرواهه.

نا مان ڪيئن گذاريان،
هر پل ڪيس سنڀاريان،
منهنجو ٿن ۾ ساهه،
واهه، واهه، سائين بيپرواهه.

ت'' ڪي آ آس اِهائي،
درشن مونکي سائين،
منهنجي لاءِ مضبوط ملاح،
واهه، واهه، سائين بيپرواهه.

- ڪانتا (اَننت)

پيڻ ڏانهن

(۱) کيڏي ننڍڙي سنهري آهين،
سيني تي تي حُڪم هلائين،
وڏيءَ پيڻ تي روب جمائين،
تڏهن بہ ڏاڍي پياري آهين.

(۲) تنهنجي ضد اَڳيان ڇڪبو آ،
مان ميٺ ۾ ڪجهہ چئبو آ،
من ئي من ۾ پيو سهبو آ،
جيئن ڪرين مختياري آهين.

(۳) جڏهن ياءُ جي گهر ڏي ويندس،
وٺي پاڻ سان توکي هلندس،
خوب مزو ۽ آنند ونبو،
شهر سجاوٽ وارو ڏسبو.

(۴) سيئي مائٽ گڏجي ويندا،
حال ونڊيندا ونڊرائيندا،
پريم جي اهڙي جوت جڳايو،
گلا ڪندي چو وقت وڃايو.

(۵) ڪڏهن بہ آس نہ ويهج لاهي،
سائين هرڪنهن سان گڏ آهي،
هوئي سڀ جو ڪٽندو بار،
’اَننت‘ اِنهيءَ جو ڪر ويچار.

- ڪانتا (اَننت)

سائين گهر ۾ آيو

سائين بابا گهر ۾ آيو - ڀاڳ ڀلايو،
سڏ ٻڌي هن سڏ اونايو، سائين بابا گهر ۾ آيو.

١- ڪهڙا تنهنجا مان ڳڻ ڳايان،
شبد نہ آهن گيت ٻڌايان،
عرضي ڪان مون من ئي من ۾، توکي آ ٻاڌايو،
سائين بابا گهر ۾ آيو.

٢. سکيون سهيليون سائين آيو،
مالڪ لاءِ ڪيو سجايو،
پلڪ پلڪ مون ڏيان ڏري تي ڪيڏو ڪيس ڏيان،
سائين بابا گهر ۾ آيو.


٣- ڪيئن ريجهايان ۽ پرچايان،
هن لاءِ هر دم تي وجهايان،
عرضي ڪان پوءِ مالڪ منهنجو آهي سڏ اونايو،
سائين بابا گهر ۾ آيو.

- ڪانتا - اِيسراڻي (آننت)

KATHAYOON - AIN - KATHAYOON

By : **KANTA S. ISRANI 'ANANT'**
21, New Creation Society, 5th Road, Khar,
Mumbai-400052.

Layout & Getup : **SUNIL S. ISRANI - MUMBAI.**



مل ناري، اَديبا اِستري، ممتا ڀري مهلا، ديا جي
وي، عاقل عورت - سڀاجهي، سادي ۽ دل وڻڻ واري،
ومل هردو رکندڙ، هڪ اَمولهہ اِنسان - شريمتي •ڪانتا،
ترام اِيسراڻي، پنهنجي پتي ديو جي ڀر ۾.